# ڪينجهر

(٣)

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي ، ڄام شورو

١٩٨٩

# ڪينجهر

## (تحقيقي جرنل)

# ٣

ايڊيٽوريل بورڊ

- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
- سحر امداد

سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو
١٩٨٩

# ڪينجهر - ٣

١٩٨٩


سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي



هيءَ ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس، اولڊ ڪئمپس، حيدرآباد ۾ ڇپيو.

فون نمبر 27039

# ترتيب

| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | | |
| سنيهو | ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه | |
| ١- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي پي ايڇ - ڊي ٿيسز. | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١ |
| ٢- سچل جو مالڪونس | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ٢٣ |
| ٣- شاهه جي رسالي ۾ سُرن جي ترتيب جو جائزو. | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ | ٣٢ |
| ٤- ادب ۽ روايتون | ڊاڪٽر قاضي خادم | ٧٥ |
| ٥- جيون ڪهاڻيءَ جو فن | ڊاڪٽر قاضي خادم | ٩٠ |
| ٦- پير صدرالدين ۽ شاهه لطيف | نور افروز خواجه | ١٠٦ |
| ٧- ڪجهارت ڪجهڙي | سحر امداد | ١١٨ |
| ٨- سچل ۽ سنڌي سماج جو اپهاس | محمد قاسم ٻگهيو | ١٣٥ |
| ٩- شاهه جي ڪلام ۾ جيجل ماءُ | ڊاڪٽر قمر جهان مرزا | ١٤٥ |
| ١٠- پي ايڇ - ڊي ۽ ايم. فل ٿيسز — جي فهرست | | ١٦٣ |
| ١١- خبر چار | | |

# پيش لفظ

هي ڪينجهر جو ٽيون پرچو آهي. هن ۾ ٻه اکين ٻن پرچن وانگر فقط سنڌي شعبي جي استادن جا نئي تحقيقي مقالا ڏنا ويا آهن. آءٌ پنهنجن سڀني ساٿين جا ٿورا مڃان ٿو، جن هن سلسلي ۾ هر طرح مدد ڪئي.

محترم ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه صاحب، وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي، جن هر طرح جو تعاون ڪيو جنهن لاءِ سنڌن بي حد ٿورائتو آهيان. والسلام

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
چيئرمن :
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي

# سنيھو

ادب زندگيءَ جو اڀياس آھي ۽ ادب جي تخليق سماجي ۽ معاشي پس منظر ۾ ٿئي ٿي. ادبي تخليق جو جائزو اديب وٽن ٿا ۽ ان جي چنڊ ڇاڻ نقاد ڪن ٿا. يونيورسٽين جا آھي شعبا جيڪي ادب پڙھائين ٿا، سي اھو ڪم بخوبي ڪري سگھن ٿا.

سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو ھن سلسلي ڪم ۾ ڪجھ وقت کان رڌل آھي. سنڌي شعبي "سوڪڙي"، "سوغات"، "پرک"، ۽ "پورب" جي نالن سان ھن کان اڳ مخزنن جي اشاعت ڪئي آھي، جن ۾ تخليقي ۽ تحقيقي مواد شايع ٿيندو آيو آھي. ١٩٨٧ع کان وٺي باقاعده "ڪينجھر" جي نالي سان ھڪ اشاعت جاري آھي، جنھن ۾ سنڌي شعر، نثر، لسانيات ۽ تنقيد تي مبني مقالا ڇپجن ٿا. موجوده اشاعت "ڪينجھر" جو نئون نمبر آھي.

مون کي اميد آھي تہ انشاالله سنڌي شعبو ۽ يونيورسٽيءَ جا ٻيا شعبا اڳتي بہ تحقيقي ڪم ڪندا ۽ منظرعام تي آڻيندا رھندا، جنھن سان عام پڙھندڙن ۽ شاگردن جي رھنمائي ٿيندي ۽ معاشري جي ترقي جي راھہ ھموار ٿيندي.

"ڪينجھر" جي ھن اشاعت تي سنڌي شعبي جا استاد مبارڪن جا مستحق آھن.



(ڊاڪٽر رشيد احمد شاھہ)
وائيس چانسلر،
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي

## پي ايڇ - ڊي ٿيسز
## (جائزو)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ آهي. سندس عالمگير پيغام جو پڙاڏو هندين ماڳين ۽ مشرق کان مغرب تائين پڌو ويو آهي. سندس زندگي ۽ ڪلام تي سنڌي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪيئي ڪتاب ۽ مقالا لکيا ويا آهن. رسالي جا ڪيترائي قلمي نسخا موجود آهن ۽ ڪيترائي ايڊيشن ۾ شايع ٿيا آهن. انگريزي، اردو، سرائڪي، گجراتي، عربي، فارسي ۽ جرمن ۾ ڪلام جا ترجما ۽ ٿيا آهن. مير علي شير قانع، مير مانگي، ليلا رام خاڪي، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي توڙي ٻين ڪيترن ليکڪن شاهه صاحب تي لکيو. شاهه صاحب تي ٿيل تحقيق جا جائزا ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

موجوده جائزي ۾ فقط شاهه عبداللطيف جي باري ۾ لکيل پي ايڇ. ڊي لاءِ مقالن/ٿيسز (Theses) کي شامل ڪيو ويو آهي. ٿيسز جو وچور هن ريت آهي:

| سال | عنوان | لکندڙ |
|---|---|---|
| 1938 | Shah Abdul Latif of Bhit | H. T. Sorley (1) |
| 1973 | Shah Abdul Latif, his life and work. | Motilal Jotwani (2) |

1976 Shah Abdul Latif and his times. — S. M. Jhangiani (3)

1984 The poetry of Shah Abdal Latif. — Durre Shahwar Syed (4)

(٥) شاهنواز سوڍر- سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف ١٩٨٨

(٦) غلام نبي سڌايو- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ علامت نگاري ١٩٨٨

ڪي ٿيسز ڇپيون به آهن، پر انهن جي يا مون کي ڪاپي نه ملي آهي، پارٽ ۾ آهن يا اڃان امتحان هيٺ آهن ۽ ڪاپي حاصل ڪري نه سگهيو آهيان، ان ڪري فقط هنن ڇهن ٿيسز جو قدري تفصيلي جائزو پيش ڪريان ٿو:

## ١- ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي Shah Abdul Latif of Bhit

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي جا پهرين ٿيسز لکي وئي ۽ جنهن تي پي ايڇ. ڊي ڊگري ملي، سا ايڇ ٽي سورلي جي هئي. ٿيسز پهرين ١٩٣٠ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپي ۽ پيش لفظ ۾ صحيح سان ١٩٣٨ جو سال لکيل آهي. اهو ٿيسز پيش ڪرڻ جو سال ٿو لڳي. تاريخ ٣١ مارچ لکيل آهي. ان هيٺان (Revised Publication 1939) لکيل آهي. سپروائزر جو نالو لکيل نه آهي. اندازو لڳايو ويو ته ڊگري به آڪسفورڊ مان ملي آهي. ٿيسز تي مڪمل عنوان هن ريت لکيل آهي:

**Shah Abdul Latif of Bhit:**
His poetry life and times
A study of literary, social
and economic conditions in
18th century Sind.

ٻيو ڀاڱو آهي: تنقيدي ۽ ادب: هن ۾ هيٺيان باب آهن: شاعريءَ جا بنيادي اصول ۽ تنقيد - صنف جي پيدائش - رسالي جا بيت: شاهه تي عربي، فارسي، هندي ۽ بلوچي وغيره جو اثر- لوڪ داستان ۽ سنڌ ۾ تصوف وغيره.

ڊاڪٽر سورلي شاهه جي تعليم جو بحث نه ڇيڙيو آهي. ڪهڙن محققن شاهه صاحب کي سنڌي طرح يا اڻ سنڌي طرح پڙهيل سڏيو آهي. ترسپ چوي ٿو ته سندس رسالي کي ڏسي ڪير به ڪيس اڻ پڙهيل ڪونه سڏي سگهندو. ليلارام وطن مل لکي ٿو: "خبر نه آهي ته نورمحمد ڀٽيءَ وٽ اسان جي شاهه ڪيترو وقت تعليم پرائي (١)" ڊاڪٽر رسولي انهيءَ راهه جو آهي ته ٿورو ڪي گهڻو استاد وٽ پڙهيو هو. چوي ٿو: " جي اها روايت صحيح آهي ته شاهه لطيف قرآن شريف، مثنوي رومي ۽ شاهه ڪريم جو رسالو ساڻ کڻندو هو ته سندس پڙهيل هجڻ ۾ ڪو شڪ نه آڻڻ گهرجي (٢)." انهيءَ نڪتي کان پوءِ بيت جي صنف تي بحث ڪيو اٿس ۽ شاهه جي شاعري تي سير حاصل تبصرو ڪيو اٿس. هو لکي ٿو: "رومي ۽ جاميءَ جو ڪلام صوفيانو آهي پر شاهه جي ڪلام ۾ ديسي لوڪ داستانن جو امتزاج نه هجي ها ته سندس ڪلام به محض تصوف جي اپٽار پيو ڪري ها.(٣)" سورلي اهو به لکي ٿو: " شاهه جو ڪلام غنائي آهي.

---

(١) لعلواڻي، ليلارام وطن مل. 'شاهه لطيف' حيات، مذهب ۽ شاعري. ١٨٩٠ع ڪراچي ص ١١.

(٢) سورلي. ص ٢٠٣.

(٣) سورلي. ص ٢٠٩.

ان ۾ نغمگي ۽ موسيقيت آهي. (١)". انهن ٺي صفحن ۾ مصنف هندوستاني راڳ ۽ يوروپي موسيقيءَ تي لکيو آهي. ڊاڪٽر سورلي چند جي وزن جا تفصيل نہ ڏنا آهن جيڪي اڳتي هلي جهمٽ مل ڀاوناڻي ۽ ڊاڪٽر جوتوانيءَ ڏنا.

رسالي ۾ ڏارئين ڪلام جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. هو مختصر طور اهو بحث ڪرڻ کان پوءِ شاهہ جي تصوف تي ايندي اهو چوي ٿو تہ شاهہ کي سمجهڻ لاءِ اسلامي تصوف جو اڀياس ضرور ڪرڻ گهرجي. هوڏانهن صوفي شاعر ڊون Donne جو مثال ڏيندي ڪن ٻين انگريزي صوفي شاعرن جي ڪلام جي حوالن سان بہ بحث ڪيو اٿس.

شاهہ جي رسالي تي مختلف ٻولين جي اثر بابت بہ هڪ مختصر عنوان هيٺ بحث ڪيو اٿس. ان ريت ڪتاب جي ٻهرين ٻن ڀاڱن ۾ سنڌ جي تاريخ، شاهہ جي دور ۽ شاهہ جي شاعريءَ تي تحقيقي بحث ڪرڻ کان پوءِ ٽئين ڀاڱي ۾ شاهہ جي چونڊ ڪلام جو ترجمو ڪيو اٿس. هي ترجمو فقط ان ڪلام جو آهي، جيڪو قاضي احمد جي منتخب ۾ آهي. اهڙو ذڪر بہ سورلي پيش لفظ ۾ ڪيو آهي. (٢)

هن وقت تائين تہ ٻين بہ ڪن عالمن انگريزي ترجمو ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر سورلي جو ترجمو محترمہ ايلسا قاضي کي ڇڏي باقي اردو، فارسي ۽ انگريزي ترجمن کان وڌيڪ اصل سان ٺهڪندڙ آهي. ڇو جو هو سنڌيءَ ۾ بہ هڪ اهل زبان عالم جيتري قابليت رکندو هو. سورلي جو ڪيل منظوم ترجمو شاهہ جي ڪلام جي

---

(١) سورلي. ص. ٢٦٠.

(٢) ص VII (ح).

مفهوم کي کڻو ڪري مڪمل طور ۽ صحيح سمجهڻ ۾ مددگار آهي. تن پاڻن تي آذاريل هن مڪمل ٿيسز جو تحقيق جو معيار به نهايت اعليٰ آهي. هونئن انگريزيءَ ۾ شاهه صاحب تي ليلا رام ۽ قليچ بيگ اڻويهين صديءَ ۾ به ڪتاب لکي چڪا هئا، پر انگريزي پڙهندڙن سان صحيح طور شاهه صاحب کي ڊاڪٽر سورلي متعارف ڪرايو.

ڪتاب ۾ انڊيڪس (Index) گلاسري (Glossary) ۽ ببليو گرافي (Bibliography) به ڏنل آهي. ڊاڪٽر سورلي اُن کان پوءِ Musa peravagans نالي هيو ڪتاب به لکيو جنهن ۾ هن يوناني، اطالوي، لاطيني، فرينچ، عربي، اردو ۽ سنڌيءَ جي وڏن شاعرن جو ڪلام ترجمو ڪري ڏنو ۽ اُن جي پيش لفظ ۾ لکيائين ته شاهه انهن سڀني شاعرن ۾ ممتاز آهي، جن جو ڪلام آءٌ هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيو آهيان(١) شاهه جو مڪمل ادبي تعارف ڪرائڻ هن ٿيسز جو طاقتور پهلو آهي.

**٢- ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي Shah Abdul Latif, his Life and work.**

موتي لعل جوتواڻيءَ هيءَ ٿيسز لکڻ کان سواءِ هندي، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف تي ٻيو ٻي گهڻو ڪم ڪيو آهي. ناولٽ، نثري نظم، افسانا لکڻ ۽ ٻيو ڪيترو تخليقي ڪم ڪرڻ واري هن اديب ١٩٧٣ع ۾ پي ايڇ. ڊي جي ڊگريءَ لاءِ هي ٿيسز دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ جيرامداس دولترام جي رهبريءَ ۾ لکي ۽ ٿيسز دهلي يونيورسٽيءَ ١٩٧٥ع ۾ شايع ڪئي. مڪمل عنوان هن ريت آهي:

---

(١) موسا پراوگانس- پيش لفظ.

Shah Abdul Latif:
His life and work
A study of socio-cultural
and literary situations in
18th century Sind.

ڪتاب/ٿيسز ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهريون ڀاڱو مڪمل طور مختلف عنوانن تي آڌاريل ۽ فقط سوانح عمريءَ بابت آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ ڪل اٺ باب آهن. پهريان پنج شاهه جي زبان، وزن، راڳ، النڪار ۽ رس بابت ۽ پويان ٽي فلسفي ۽ مذهبي تحريڪن جي روشنيءَ ۾ لکيل آهن. آخر ۾ خاص واقعن جي ڪرانالاجي (Chronology) انڊيڪس (Index) ۽ ببليو گرافي (Bibliography) ڏنل آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾ ٽئگور پروفيسر آف بنگالي ۽ جديد هندستاني زبانن جي شعبي جو چيئرمن ڊاڪٽر آر ڪي داس گپتا دنيا جي صوفي شاعرن ۾ شاهه صاحب جي اهميت تي لکندي ٻڌائي ٿو ته هن ٿيسز جي ڇپجڻ سان خاص طور دنيا چڱي طرح ڏسندي ته شاهه ڪيڏو وڏو شاعر ۽ صوفي آهي (٨).

ڊاڪٽر جوتواڻي مقدمه ۾ موجوده ذريعن (Sources) جو ذڪر ڪري، انهن جي حوالي سان سوانح ۽ ڪلام تي لکڻ لاءِ پنهنجن خيالن جو اظهار به ڪري ٿو ۽ ذريعن تي بحث به ڪري ٿو(٩).

سوانح عمري لکندي جوتواڻي موجود مواد جو نه رڳو ڀرپور استعمال ڪيو آهي، بلڪ هن باب ۾ سوانح ڪي تحقيق جي جديد طريقن موجب ترتيب ڏنو آهي. هن سلسلي ۾ جديد محقق ٻن اهم

---

(٨) جوتواڻي. فورورڊ از داس گپتا ص X (ايڪس).

(٩) جوتواڻي. ص ص ١ کان ٧.

ويو آهي. رس يعني جمالياتي حظ جيڪو انساني جبلت جو هڪ اهم عنصر آهي، آن جو رسالي جي بيتن جي مثالن سان ذڪر ڪندي ڊاڪٽر جوتوائي رس کي هندوستاني شاعريءَ جي پسمنظر ۾ بيان ڪيو آهي. شاهه جي شاعريءَ تي هيءَ هڪ ٿيسز آهي جنهن ۾ مواد ۽ آن جي ترتيب هڪ طرف ته تحقيق جو اعليٰ معيار پڻ طرف موجود آهي. جوتوائي صاحب دهلي يونيورسٽي جي ديش بندو ڪاليج ۾ پروفيسر آهي.

## ٣- ڊاڪٽر سنتداس جهانگياڻي Shah Abdul Latif and his times

هيءَ ٿيسز پي ايڇ. ڊي ڊگريءَ لاءِ ١٩٧٦ ۾ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ قبول ڪئي وئي ۽ ١٩٨٧ع ۾ دهلي يونيورسٽيءَ شايع ڪئي آهي. ڊاڪٽر سنتداس جهانگياڻيءَ جو سپروائزر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي آهي. ڪتاب جو مڪمل عنوان هن ريت آهي:

Shah Abdul Latif and his times
(1690 A.D to 1751 A.D)

ڪتاب ۾ ٻه ڀاڱا (Parts) آهن. پهرئين ڀاڱي ۾ فقط سوانح جو هڪ باب آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ٽي باب آهن، جن ۾ His times جي سري هيٺ سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن جو جائزو ورتو ويو آهي.

شاهه جي سوانح جي سلسلي ۾ ڪا نئين ڳالهه نه ڏني وئي آهي. ساڳيا ماخذ ۽ ساڳيو احوال آهي. ڪوشش ڪري احوال کي تحقيق جي طريقن (Methods) موجب رکيو ويو آهي.

سوانح ۾ شاهه جي مذهب ۽ شاعريءَ ۽ فلسفي جو ذڪر به آهي ۽ شاعريءَ جو مضمون موجب جائزو به آهي. ڊاڪٽر جهانگياڻيءَ

Index ۽ ببليوگرافي ذنل آهي. ٿيسز جو مڪمل عنوان هن ريت آهي .

The poetry of Shah Abd al Latif.

عبداللطيف جي انگريزي سپلنگ Abdal لکيل آهي. وري Abd کان al ٿورو پري لکيل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهو سپروائزر جو ضد هجي ته عبد ـ ال ـ لطيف ڪري لکجي.

هن ٿيسز ۾ محترم درشهوار جي چوڻ موجب ڪي نوان پهلو اجاگر ڪيل آهن. (١) اهي عورت جي ڪردار بابت آهن.

پهرئين باب ۾ تاريخي پس منظر ڏيئي سنڌي شاعريءَ جو جائزو ورتل آهي ۽ شاهه صاحب جي سوانح عمريءَ سان گڏ رسالي بابت معلومات ڏني ويئي آهي. رسالي جو مڪمل تعارف به ڪرايو ويو آهي. پنهنجي ٿيسز جو جواز پيش ڪندي ڊاڪٽر درشهوار لکي ٿي: "شاهه پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن تي گهڻو مواد شايع ٿيو آهي. گهڻن محققن سندس مذهبي شاعري واري پهلوءَ تي ڌيان ڏنو آهي. منهنجي نظر ۾ ٻين سيني پهلوئن ڪي نظرانداز ڪري ان هڪ پهلوءَ ڪي اجاگر ڪيو ويو آهي. اهو صحيح آهي ته شاهه جي شعر جو گهڻو حصو صوفيانو آهي. پر ان تي تمام گهڻو زور ڏيڻ هن عظيم شاعر جي آفاقي پيغام جي اهميت گهٽائڻ جي برابر آهي. (٢)

پنهنجي طئي ڪيل ترجيحات ( Priorities ) موجب محترم ليکڪ ٿيسز ۾ رسالي جي سماجي ۽ قومي پهلوئن جو ڀرپور جائزو

---

(١) درشهوار. پيش لفظ

(٢) درشهوار. ص ٥٥

جو سودو موجود آهي. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر مقدمي ۾ شاهه صاحب تي ٿيل تحقيق جو جائزو پيش ڪري ٿو. ٽيسز کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو اٿس. پهرئين ۾ ٽي ۽ ٻئي ۾ ست باب آهن. ٽيسز جو پهريون باب ثقافت جي وصف بابت آهي. وصف بيان ڪندي ليکڪ ثقافت جوڙڻ ۾ معاون عناصر جو به تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ليکڪ چوي ٿو ته ثقافت هڪ وسيع موضوع آهي، جو محققن ان جون ڪيتريون ئي معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون آهن. ڊاڪٽر سوڍر، مشهور محققن ڪارٽر وي گڊ، جان ايس هانليڊ، ول ڊيورانٽ، توڙي مختلف انسائيڪلو پيڊيا ۽ ڊڪشنرين جي حوالن سان وصف ۽ ثقافت جي اهميت تي لکيو آهي. هو اِهو محسوس ڪري ٿو ته مختلف وصفن ۾ ڪٿي لفظن جو تفاوت ۽ تضاد به آهي: "هن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته تهذيب خواهه تمدن جي اصطلاح جو تعلق انساني حيات جي اجتماعي زندگيءَ جي ترقيءَ ۽ مدار سان آهي ۽ نه انسان جي انفرادي زندگي يا ڪنهن گروهه جي ترقيءَ سان (١)" هي نڪتو اهم آهي ته ثقافت هڪ ننڍي گروهه جي رهڻي ڪهڻي کان شروع ٿي وسيع انساني برادريءَ جي پلي جو نشان بنجي وڃي. تهذيب و تمدن ۽ ثقافت تي هي هڪ ڀرپور باب آهي.

ٻئي باب ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ جو مختصر جائزو ۽ آثار قديم جو ذڪر ڪيل آهن (٢). اهڙي طرح ٽئين باب ۾ شاهه جي دور ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو ذڪر ۽ شاهه جي سوانح ۽ همعصرن بابت احوال آهي (٣).

---

(١) سوڍر. ص ٧.

(٢) سوڍر. ص ٦١.

(٣) سوڍر. ص ١١٩.

ٽيسز جو ٻيو پاسو خاص نڪتي يعني شاه جي ڪلام ۽ ثقافت بابت آهي. ڪل متن بابن ۾ سنڌ جي جاگرافي، رسالي ۾ تاريخي اهڃاڻن، رسالي جي داستانن، شاهه جي ڪلام ۾ مذهبي عنصر، اسلام ۽ صوفي سلسلن ۽ هندو فرقن جي ذڪر سان گڏ سياسي حالتن ۽ هنرن ۽ ڌنڌن جو بيان ڪيو ويو آهي.(١) تنهن سان گڏ رسالي ۾ اتحاد جو سبق، سنڌي سماج، سنڌي ٻولي، شعر و ادب ۽ موسيقيءَ جو بيان ڪيو ويو آهي.(٢)

سوڍر صاحب قانع، ڊاڪٽر گربخشاڻي، سورلي، وفائي، ايڊڪن، بلوچ ۽ ٻين محققن جي حوالن سان هي بحث ڪيا آهن. هن هر سلسلي ۾ سير حاصل بحث ڪيو آهي. جئن شاهه جي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو: "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي مطالعي مان اسان کي چڱي طرح خبر پوي ٿي ته سندس شاعري ذهني عياشيءَ جو اهڃاڻ نه آهي پر سنڌ جي مانيٽي ۽ نماڻي عوام جي آسنگن ۽ ٻورهيتن جي جيوت ۽ معاشي جدوجهد جي تصوير آهي.(٣)

ڊاڪٽر سوڍر پنهنجي تحقيق ۾ هر عنوان لاءِ لاڳاپيل ۽ مستند ڪتابن ۽ مقالن مان حوالا ورتا آهن ۽ ڪٿي به غير متعلق ۽ غير مستند ڪتابن مان حوالا نه ورتا اٿس. اها ڳالهه سندس ٿيسز کي بلند پايه ۽ مستند بڻائي ٿي.

ثقافت جو هر پهلو شاهه جي بيتن جي حوالي سان اجاگر ڪيو

---

(١) سوڍر. ص ٢٩٥ کان ٣٢٣.

(٢) سوڍر. ص ٣٢٥ کان ٥٣٧.

(٣) سوڍر. ص ٣٧٧.

ويو آهي. ٿيسز ۾ واسطو رکندڙ فوٽو به ڏنا ويا آهن. آخر ۾ مڪمل ببليوگرافي به ڏني ويئي آهي.

هيءَ ٿيسز پنهنجي عنوان جي مدنظر ۾ مڪمل طور اسم بامسمىٰ آهي. اڪثر تحقيق ۾ ان ڳالهه جي کوٽ ملندي آهي يا ليکڪ عنوان تي ٿورو ۽ تاريخي پس منظر جي ناليِ ۾ گهڻو مواد ڏيندا آهن. ڊاڪٽر سوڍر هن سلسلي ۾ تمام خبرداري ۽ ذميداريءَ سان لکيو آهي. سنڌس ٿيسز جو طاقتور پهلو ثقافت ۾ غريب عوام جي جيوت آهي.

٦- ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري:

هي ٿيسز منهنجي رهنمائيءَ ۾ لکي ويئي آهي ۽ ١٩٨٨ع ۾ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪئي ويئي.

علامت نگاريءَ جي وصف ڪندي سڌائي صاحب ضروري مواد حوالي طور ورتو آهي. علامتون، اهڃاڻ يا Symbols تڏهن ڪم آندا ويندا آهن، جڏهن ليکڪ ڪنهن نڪتي کي سڌو سنئون بيان نه ڪرڻ گهري. موجود رڪارڊ موجب ملارمي Melarme ۽ پين علامت نگاريءَ کي ١٨٨٠ع کان وٺي پنهنجن تخليقن ۾ آندو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هونئن تشبيهه، استعاري ۽ علم بديع ۾ شاهوڪار آهي. ماضيءَ ۾ شاهه جي شاعرانه ڪمال بابت گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. علم معاني ۽ روحاني رازن تي به ڪافي لکيو ويو آهي. علامت نگاريءَ تي فقط هڪ ڪتاب لکيو ويو اهو پروفيسر اڪرم انصاريءَ انگريزيءَ ۾ لکيو. عنوان آهي: Symbolism in Latif's Poetry جنهن رڳو بيتن جو انگريزي ترجمو ڪيو ۽ موضوع تي کولي ڪجهه نه چيو. سڌائي صاحب پنهنجي ٿيسز ۾

ٻوليءَ جو سچو رنگ محل لفظن تي اڏيل آهي. لفظ انهن جو تاثر ۽ ظاهر باطن معنيٰ تمام اهم آهي. هاءِ رچلس جي حوالي سان سڏايو صاحب لکي ٿو:

”لفظن جي معنيٰ ۽ استعمال لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته مختلف موقعن جي لحاظ کان لفظن جي تعبير به مختلف ڪئي ويندي آهي. (١)

ٻيو ڀاڱو شاهه صاحب جي سوانح عمريءَ تي مشتمل آهي. هن ۾ ٻارهن باب آهن. هن سلسلي ۾ ليکڪ لطيفي دؤر جو سياسي ۽ سماجي جائزو وٺندي سلطان الاوليا حضرت خواجه محمد زمان ۽ شاهه عنايت شهيد جو ذڪر به ڪيو آهي. سوانح عمري حقيقت ۾ نئين انداز سان لکي وئي آهي ۽ موجود لٽريچر ۽ تحقيقي مواد جي ڀرپور حوالن سان هي موضوع نڀايو ويو آهي.

تصوف ۽ مذهب تي به تفصيل سان لکيو ويو آهي. منهنجي نظر ۾ شاهه عنايت تي لکيل نائون باب هڪ مڪمل ۽ مدلل بحث تي مشتمل هڪ باب آهي.

ٽيسز جو ٽيون ڀاڱو ’لطيف ۽ ٻيا صوفي دانشور‘ جي سري هيٺ ستن بابن تي آڌاريل آهي. هن ۾ عربي، فارسي، سرائڪي، اردو ۽ سنڌيءَ جي ستن شاعرن تي هڪ هڪ مڪمل باب لکي، انهن جي ڪلام جي صوفيانه انگ ۽ علامتي رنگ جو جائزو ورتل آهي. اِهو صحيح آهي ته ڪي بزرگ تصوف جي فقط مذهبي معنيٰ کي نظر ۾ رکي ڪن شاعرن کي صوفي شاعر سڏڻ لاءِ تيار نه ٿيندا پر انهن جي ڪلام جو انساني ڏکجهتيءَ وارو پهلو ڏسندا ته

(١) سڏايو. ص ١٠.

ملهو جنهن موضوع سان پورو پورو انصاف ڪيو آهي. علامتون (Symbols) انهيءَ انداز سان بيان ڪيل آهن جو واضح طور شعر جو طاقتور پهلو آهي.

## حرف آخر

جيئن شروع ۾ عرض ڪيم ته ڪي ٿيسز پيون به آهن؛ جيڪي ملي نه سگهيون اٿم. آنهن جي باري ۾ هيٺيان اطلاع مليا آهن.

١- سنڌ يونيورسٽيءَ مان تازو مسز حسن بانو، قاسمي صاحب جي رهبريءَ ۾ پي ايڇ-ڊي ڪئي آهي. عنوان آهي: 'شاهه عبداللطيف ۽ سنڌي عورت'

٢- ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدوانيءَ جو ڪتاب 'شاهه جو شعر' ١٩٨٠ع ۾ ڊاڪٽر جيٺلي مون ڏانهن مهرباني ڪري موڪليو هو. جنهن جي پيش لفظ جي هنن لفظن مان مون کي معلوم ٿيو: "ڊاڪٽر گدواڻي پهريون شخص آهي جنهن ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ادبي کيتر ۽ سو به شاهه بابت ڪجهه لکي ڊاڪٽريٽ حاصل ڪئي آهي.(١) اڪثر پڙهڻ ۾ به ايئن آيو ته ڊاڪٽر گدواڻي شاهه تي ٿيسز لکي آهي.(٢) پر ڊاڪٽر جيٺلي جي مقالي "ڀارت ۾ شاهه لطيف جي ڪلام جو مطالعو" مان معلوم ٿيو ته ڊاڪٽر گدوانيءَ سنڌي ۽ هنديءَ جي صوفي شاعرن تي ساگر يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ. ڊي ڪئي ۽ سندس سنڌي ڪتاب 'شاهه جو شعر' ٿيسز ۾

---

(١) گدواڻي، پرسو جيسارام. شاهه جو شعر الهاس نگر ١٩٧٣ع، پيش لفظ از نارائڻ ڀارتي.

(٢) ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ڊيڪن ڪاليج پونا ۾ ليڪچرر آهي.

شاهہ تي لکيل باب جو ترجمو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي جي رهنمائيءَ ۾ موهن لعل شرما ۾ ۱۹۷۳ع ۾ سنڌيءَ ۾ ٿيسز لکي سنڌيءَ ۾ پي ايڇ. ڊي جي ڊگري 'سنڌي ڪوتا ۾ صوفي مت' جي عنوان سان ورتي ۽ ڪماري رڪمڻي ٻه سنڌس ني زير نگراني ۾ ۱۹۷۸ع ۾ ايم. فل ڊگري هنديءَ ۾ ورتي - عنوان آهي: "ملڪ محمد جائسي اور شاهہ عبداللطيف ڪي ڪوتا ۾ پريم ڪي ڀاونا".

ان طرح هي ٽئي شاهہ صاحب تي مڪمل ٿيسز نہ آهن ۽ في الحال ملي بہ نہ سگهيون آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# سچل جو مالڪونس

اسان جا تقريبا سڀ وڏا شاعر سماع جا ڪوڏيا هئا. علم موسيقيءَ ڏي لاڙو هجڻ جون ثابتيون سندن ڪلام جي مجموعن مان ملن ٿيون. شاه جو رسالو ۽ سچل جو رسالو انهن مجموعن ۾ تمام اهم آهن. اڄوڪي گفتگو ۾ سچل سرمست جي رسالي سر مالڪونس بابت چند ڳالهيون چوڻ گهران ٿو.

اڃان سچل جي رسالي جي موسيقيءَ جي باري ۾ باضابطه طور ڪجهه به نه چيو ويو آهي. جيڪڏهن سنڌي رسالن جي ترتيب کي ڏسجي ته انهن سڀني ۾ نالن جي ٿوري ڦيرڦار کان سواءِ ساڳيا سر موجود آهن. جيئن شاه عنايت نصرپوريءَ جو رسالو ۽ شاه جو رسالو هن سلسلي جا بنيادي ماڊل / نمونا آهن. ڪيترائي رسالا هنن نمونن جي پيرويءَ ۾ ترتيب ڏنا ويا. انهن ۾ فقير صوفي محمد صديق 'صادق' (١٧٥٦-١٨٣٩ع) جو راڳنامو اهم آهي. هن ۾ شاه جي رسالي جي سرن جي نالن کان سواءِ ڪي ٻيا نالا به آهن پر مضمون ۾ فرق ڪونهي. نوان نالا آهن: سوزڙو (سوڍڙو) وهاڳڙو ۽ موکي(١). اهڙا مختلف نالا شاعرن جي مجموعن ۽ بياضن ۾ ٻيا به ملندا پر مضمون ۾ ڪو فرق نه آهي. شاه جي رسالي جي سر رامڪليءَ

---

(١) ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ايڊٽ ڪيل صادق فقير جو راڳنامو: شاه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨١ع.

وارو جوڳين جو مضمون سچل ' پورب ' جي سر ۾ آندو آهي (۱).
اهڙي ئي مضمون جو پيو ڪلام رسالي جي مختلف سرن ۾ ۾ آيو آهي. سچل سرمست، شاھ جي رسالي جي سر پورب وارو مضمون پنهنجي سر مالڪونس ۾ آندو آهي. جنهن ڪي ترتيب ڏيڻ وارن مالڪوس سڏيو آهي. ۾ راڳدارين وارا مالڪونس سڏين ٿا. سچل سرمست هن سر ۾ محبوب ڏي نياپو سنيهو موڪلڻ ۽ محبوب جي خط جو اچڻ، قاصد جو اچڻ، خط جو پڙهجڻ ۽ ان وقت جي دلي ڪيفيت جو احوال آندو آهي. ڪانگل جون لاتيون ۽ ڏاهي جا نياپا هن سر جو خاص مضمون آهي. پهرين راڳ مالڪونس جي مختصر بيان ڪان پوءِ سچل جي ڪلام ڏي اچون ٿا: مالڪونس جو واسطو ڀيروي سان آهي.

ڀيروي هڪ راڳڻي هجڻ سان گڏ هڪ ٺاٺ به آهي. مالڪونس هن ٺاٺ جو راڳ آهي. راڳڻي ڀيرويءَ جا سڀ سر ڪومل هوندا آهن. هن ۾ ست ئي سر لڳن ٿا. بلڪل بنيادي سرگم جي ترتيب ۾: ساري گا ما پا ڌا ني سا. ڀيروي ڏينهن رات جي ڪنهن به پل پهر ۾ ڳائي سگهجي ٿي. ان ڪري هن کي سدا سهاڳڻ به چئجي ٿو. آروھ ۽ اوروھ ۾ ست سر آهن . ان ڪري ڀيروي سمپورڻ راڳڻي آهي (۲). مالڪونس ڀيروي ٺاٺ جو هجڻ ڪري سڀني ڪومل سرن تي آڌاريل آهي. مالڪونس جو تفصيل هن ريت آهي:

---

(۱) مرتب جي ترتيب ائين آهي. ڏسو سچل سرمست جو سنڌي ڪلام.

(۲) قاضي ظهورالحق . 'رهنماءِ موسيقي' پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس اسلام آباد ۱۹۷۵ع ص ۲۰۰.

ـ ري (رکب) يا (پنچم) خارج آهن .
ـ برن (قسم) اوڊو ـ اوڊو يعني آروه توڙي اوره ۾ پنج سر سا گا
ما ڌا ني (سا).
وادي سُر: مڌم
سموادي سر: کرج (سا)
ڳائڻ جو وقت: رات جو پيو پهر
خاص تان: ڌا ني سا گا ما گا سا گا ما گا سا .

هونئن مالڪونس خود ڇهن بنيادي راڳن مان هڪ آهي. هن راڳ ۾ مڌم جو استعمال گهڻو ٿئي ٿو، اهو ايترو نمايان آهي جو ڪنهن ٻئي راڳ راڳڻي کان عاحدو لڳندو آهي (١) .

راڳ مالا ۾ مختلف راڳ راڳڻين جي هڪ ظاهري شڪل ۾ متعين ڪيل آهي. انهيءَ لحاظ کان مالڪونس جي ۾ هڪ شڪل آهي. اها هيءَ آهي تہ "هڪ نوجوان آهي جنهن جي اکين ۾ تيج آهي. گلي ۾ موتين جي مالها اٿس ۽ ڪلهي تي ڏنڊو اٿس". هن خيالي شخصيت ۾ جلال جي ڪيفيت آهي. سچل جي شخصيت جي اپياس مان اهو انگ ۾ چٽو ظاهر ٿئي ٿو. پنهنجي ڪلام جي مختلف عنوانن مقرر ڪرڻ ۾ پاڻ يا سندس سهڪارين، ٻالڪن، دومتن ۽ متاخرين نهايت هوشياري ۽ چابڪدستيءَ سان سوچيو ۽ عنوان / سر/ نالا مقرر ڪيا . مالڪونس جي سرن جي تاثر کي ڏسڻ کان اڳ هن عنوان تحت کم آيل ڪلام تي هڪ نظر وجهڻ کپي. منهنجي اڳيان جناب عثمان علي انصاريءَ جو ترتيب ڏنل "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" آهي ؛ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ

---

(١) ظهورالحق ص ٢٠١ .

شايع ڪيو آهي. هن رسالي ۾ مالڪونس سُر داستانن ۾ ورهايل آهي ۽ هرهڪ داستان ۾ ٩ وايون آهن. انهن ۾ بيتن جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون : ٢١ بيت
داستان ٻيو : ٢٣ بيت
داستان ٽيون : ٢٠ بيت
داستان چوٿون : ١٨ بيت
داستان پنجون : ٢٣ بيت
داستان ڇهون : ٢٢ بيت
داستان ستون : ١٣ بيت

١٤٣ بيت

هن سر جو مضمون شاه، جي رسالي جي سر پورب سان مشابهت رکي ٿو. ان جو وچور هن ريت آهي:

داستان پهريون : ڪانگل جو نياپو آڻڻ - ڏاهي جو ڏار چڙهي نينهن جا نياپا ڏيڻ ۽ سڄڻ جا سنيها.

داستان ٻيو : قاصد نياپو آندو. نامو آيو.

داستان ٽيون : محب جو خط آيو.

داستان چوٿون: محب ڏي خط لکيم ۽ خط آيو وغيره.

داستان پنجون : ڏاهو ڏار تي چڙهي ٻيو ٻولي- آڻ وغيره.

داستان ڇهون : ڪانگل سان ٻوليون- ڏاهو ڏار تي چڙهيو ٿو لنوي.

داستان ستون : تقريباً ڇهين داستان وارو ساڳيو ئي مضمون. عشق جي واردات ۾ پرين ڏي پيغام موڪلڻ ۽ سڄڻ جو

سنيھو اچڻ ھڪ خاص ۽ پسنديده مضمون وانگر آھي. مجاز ۾ نواھي جي گھڻي اھميت آھي. سچل سرمست ھن واردات کي مالڪونس جي آھنگ ۾ آندو آھي. ان ۾ ٻه سبب آھن، ھڪ ته راڳ مالڪونس جي فراق ۽ سوز ۾ ڪامليت ۽ ڪومل سرن جي چٽائي نمايان آھي. ھونئن بيشتر خواتين ڳائيون راڳ مالڪونس گھڻ ڳائينديون آھن. سچل سرمست جي طبع سان ھن راڳ کي گھڻي مشابھت آھي، جنھن ۾ جلال ۽ بيباڪي نمايان آھن. ٻيو ته مالڪونس ۾ ترتيب ڏنل سرمستانه ڪلام ۾ اھا بيباڪي ناھي، جيڪا صوفيانه ڪلام ۾ اٿس. ٻوه ه محبوب ڏي پيغام موڪلڻ ۽ محبوب جو سلام اچڻ، ھڪ جذباتي لمحي کي جنم ڏيئي ٿو. پکيءَ کي ڪيئن پارانيا ٿا ڏجن — ع

روبو روبو رت، تو پکيءَ پارانيا ڏني،
ته پيرين وجھانءِ گھنگھرو، سي چمڪائيندو وت،
ڪيئن وني خط، سگھڙو ساٿيڙا ورين. (١)

ڪانگڙو سجڻ جي پار ڏي ويو، جيڪي اتي ڏسي آيو تنھن سندس ئي ھينڙو ڦيسائي وڌو. سنيھو چا ڏي — ع

ڪي جو ڪانگ ڏسي، ڪالھ اوڏاھون آئيو،
پيس ھنياءُ ڦسي، ڳالھيون ڪندين سجڻين. (٢)

نامي ۾ چا ھو جو قاصد ئي وات تي ڪري ٿي پيو. پر جي سلامت پھتو تان وري عاشق متانئس ئي سر قربان ڪرڻ لاءِ آتو — ع

---

(١) مالڪونس: داستان ١ بيت ١٠.
(٢) " " " " ١٧.

عريضو آئي ء ڏنو قاصد قريبن جو ،
هن ويلي هاڻي ، هي سر ڪريان صدقو . (١)

---

پڙهندي پرزو ٿي ، واچيندڙ وهلور ويو ،
لڳين لرزو ٿي ، اچي پيس اوچتو . (٢)

---

نہ رڳو ايترو پر قاصد جو پنهنجو ٿي ساهہ تاڪجي ويو . نياپو ڏيڻ سان هن جي اجهو هيءَ حالت ٿي — ع

قاصد ايندي ٿي ، پيو شوڪارن ۾ ،
نياپا ڏيندي ٿي ، ڪاتيءَ ساهہ متي ويو . (٣)

سچل سرمست هن صورت حال کي جدا جدا اشارن سان بيان ڪري ٿو . سندس بيان ۾ قاصد ۽ واچيندڙ (خط پڙهندڙ) بہ اهم ڪردار آهن ؛ جيڪي موربو عاشق ۽ معشوق کان بہ جذبات ۾ ، روئڻ ڌوئڻ ۾ ، آهون ۽ شوڪارا ڀرڻ ۾ اڳرا آهن . بقول سچل جي تہ نامو ٿي اهڙو هو . جڻ شوق جو شعلو هو — ع

هُن پانيو نامو ، پر شعلو هنڙو شوق جو ،
جند سارو جامو ، تنهن جو سڀ سڙي ويو . (٤)

ڪانگ کي نيابو آڻيندڙ طور سنڌ جي وڏن شاعرن ۽ سگهڙن گهڻو ياد ڪيو آهي . هن جا پرسون سان مڙهائڻ کان وني چهنب

---

(١) مالڪونس داستان پيو بيت ١٠ .
(٢) ايضاً بيت ١٣ .
(٣) ايضاً بيت ١٣ .
(٤) مالڪونس داستان ٽيون بيت ١٧ -

موتين سان جڙائڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. ڏاهو به وڏو ذات ڏٺي آهي. هو لامن تي جڪي لاتيون ٿو لنوي سي سڪ وارن جا ڳ ڳارين. آتڻ وارين به "هيهات هيهات" جو آواز ٿو ٻڌڻ ۾ اچي — ع

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لتي لات،
ڏک ڏنائين سپ کي، وائي آئي وات،
پيون ٻه هيهات، آتڻ واريون آتهين. (١)

عجيب جو نياپو ڪانگ لنوي ٿو ڏئي. سڄڻ جو خط ٿو اچي ان کي واچڻ پڙهڻ وڏي دل گردي جو ڪم آهي. سچل سائين هن ڳالهه جو ذڪر وري ۽ شدت سان ڪيو آهي —ع

واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال ڪوُن،
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻين. (٢)

ڪانگ جي ڳچيءَ ۾ ٻارانيا پوئي وڌا پيا وڃن ته ڪٿي وات تي ڪري نه پون. —ع

ٻارانيا پويون، وجهي ڳوري ڳچيءَ ڪانگ جي،
ڪڏي آب اکين سان، نيهين نچويون،
لڙڪن سان لويون، تي هنئين لائين هتڙا. (٣)

سچل سرمست مالڪونس جي بيتن وانگر ڪافين ۾ به پنهنجي اظهار جي عروج تي آهي. سندس هي مشهور ڪافي هن سلسلي ۾ ڪٿي وساري سگهجي ٿي. —ع

---

(١) مالڪونس داستان پنجون بيت ١٠-
(٢) مالڪونس داستان ڇهون بيت. ١٢-
(٣) مالڪونس داستان ستون بيت. ٣-

لنگهي ويون ڪالهہ قطارون۔
ڪونجڙين جون ڪيہ وٺن ڏنهن ميان ،
ڪنديون ويون ڪيہ ڏي ، طرحين ٽنوارون ،
ويچاريون ميان الا ، ڦتي ٿيون مي ڦارون ،
ولرين ڪونجڙيون ميان الا ، ڪنهن اندوه اڏاريون ،
انهن جي افسوس جون ، پونديون ويون پچارون ،
انن ڳانا پٽ جا ، سوتين مڙهيون مهارون ،
سچو هليو سوز ۾ ، لاهي لوڪ ميارون . (١)

ڪافي ۽ ٺمريءَ جي ڳائڪي ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي . راڳ مالڪونس ۾ ٺمريءَ جو رواج وري گهٽ آهي . ڪا ڪافي ۽ غزل ڳائجي ٿو تہ اها هڪ خاص ڪمپوزيشن/بندش ٿئي ٿي ۽ ڪا هلڪي ڦلڪي ڌن يا ڪن ٻن راڳڻين جو امتياز نٿو رهي پر مالڪونس ۾ ارادي سان هڪ نوس طرز ترتيب ڏجي ٿي . سچل سرمست بہ راڳداريءَ جي فن کان واقف هو . مٿين وائي بہ مالڪونس جي هڪ نوس بندش ۾ آهي ۽ سچل هڪ سچاڻ موسيقار شاعر آهي. هن سر جي ترتيب مضمون توڙي موسيقي جي لحاظ کان سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ خاص اهم موڙ آهي . اگر اهو سوال پڇيو وڃي تہ مالڪونس ۾ هي ڪلام ڇو موزون ڪيو ويو ، ان جو جواب هي بہ آهي تہ اهو شاعر تي ڇڏيل آهي تہ هو ڪيئن موزون ڪري ٿو ۽ ڇا جهونگاري ٿو۔ ڪنهن ٻئي راڳ راڳڻيءَ ۾ بہ هي ڪلام ڳائي سگهجي ٿو پر سچل سائينءَ پوري خبرداريءَ ۽ ڄاڻ سان مالڪونس ۾ هي ڪلام جڙيو آهي .

---

(١) مالڪونس داستان پيو ڪافي . ٧۔

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

# شاهه جي ڪلام جي سرن جي ترتيب تي هڪ نظر

شاهه جي رسالي جي هر سر ۾ نصيحت سمايل آهي. ڪٿي سالڪ کي سلوڪ جا راز ٿو ڏسي ڪٿي سالڪن کي عملي طور تي انهن سان محبت ڪندي خطائون ٿو ڪري ۽ ڪٿي معرفت جو ماڳ ٿو ماڻائي. لفظي معنيٰ جي لحاظ کان سلوڪ معنيٰ رستي تي هلڻ، طرز عمل، محبت، نيڪي، خير خواهي. تصوف جي اصطلاح ۾ سلوڪ معنيٰ حق تعاليٰ جو قرب گهرڻ يا حاصل ڪرڻ يا تلاش ڪرڻ آهي. "اهڙي ريت سلوڪ ۾ حق تعاليٰ جو قرب ۾ تڏهن حاصل ڪري سگهندو جڏهن ڪنهن پهتل شخص يا ڪنهن معرفت جي مقام حاصل ڪيل مرشد جي هدايل راهه تي هلي، اهڙو طرز عمل اختيار ڪجي جو انهن جو قرب حاصل ٿئي" انهي طرز عمل اختيار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته انهي جي مخلوق سان ۾ محبت، نيڪي ۽ خيرخواهي سان پيش اچجي ۽ اهوئي الله جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ مدد گار ۽ آسان طريقو آهي. اهڙي ريت سالڪ جي معنيٰ ٿي ته اهو شخص جو تصوف جي رستي هلي معرفت جو مقام حاصل ڪرڻ وارو ٿئي جنهن ۾ نيڪي خيرخواهي، نوڙت نهٺائي ۽ قرباني ڏيڻ جون خوبيون هجن. ٻورن لفظن ۾

سالڪ ڪان اهي غلطيون ، ڪوتاهيون، ڪميون جيڪي هي غير ارادي طور تي يا گهڻي اعتماد ڪري ، ڪري ٿو آنهن جو ذڪر شاهه صاحب جدا جدا سالڪن جي روپ ۾ مثال ڏيئي پيش ڪيو آهي ، يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته شاهه جا سالڪ جدا جدا ڪوتاهين ۽ غلطين جا نمونا آهن ، جن کي پيش ڪري، سالڪن جون خطائون ظاهر ڪيون آهن ۽ انهن خطائن ڪري جيڪي سالڪن کي ڏک ڏاکڙا برداشت ڪرڻا پون ٿا تن جو ذڪر ڪيو اٿس .

شاهه صاحب، الله تعاليٰ سان محبت ڪندڙ يا قرب وڏائيندڙن جي محبت ۾ رکنو وجهندڙ جدا جدا ڪوتاهين جو ذڪر انهيءَ ڪري ڪيوآهي ، ته جيئن سالڪ انهن ڪوتاهين کان پاڻ کي بچائي سگهن ۽ الله تعاليٰ سان قرب وڌائي ، جانب جي جمال جو ديدار ڪري سگهن . جي ائين چئجي ته تصوف آهي محبت جي پيدائش ، ته به غلط نه ٿيندو جيئن شاهه صاحب چوي ٿو ته :

محبت پائي من ۾ ، رنيا روڙها جن ،
تن جو صراٺن، اٺ توريو ئي اگهائيو . (سر ڪاپائتي)

ٻئي هنڌ چوي ٿو :

محبت جي ميدان ۾ ، سر جو ڪر م سانگ ،
سوريءَ سيرين جي ، چڙهه ته ٿئين چانگ ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن کي پوي .

محبت ڪندڙ کان جيڪڏهن ڪا خطا ٿئي به ٿي ، ته مطلوب انهيءَ کي سندس محبت جي صدقي ۾ آخر ۾ معاف ڪريو ڇڏي ٿو .

لاکيڻي لطيف پنهنجي ڪلام ۾ هڪ طرف حق تعاليٰ جي

قرب حاصل ڪرڻ يا تلاش ڪرڻ جا اصول ۽ طريقا ٻڌايا آهن ، ته ٻئي طرف حق تعاليٰ جي قرب حاصل ڪندڙن جي ڪاميابين ۽ ڪوتاهين ۽ ڪمين جا مثال ڏيئي ، انهن ڳالهين کان سالڪ کي آگاهه ڪيو ، جيڪي هن جي لاءِ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿيون . اهڙا مثال شاهه سورمن وارن سرن ۾ ڏنا آهن .

انهيءَ لحاظ کان شاهه جي ڪلام جي ترتيب جو جائزو پيش ڪجي ٿو ، ته جيئن شاهه جي ڪلام جي نقص مضمون کي سالڪن جي لحاظ کان سمجهه ۾ آساني ٿئي .

## شاهه جي ڪلام جي سرن جي ترتيب :

شاهه جي ڪلام کي هرڪنهن سهيڙيندڙ پنهنجي پنهنجي سوچ موجب ، سرن جي ترتيب ڏني آهي ۽ هرڪنهن شاهه جي ڪلام جي مقصد کي پنهنجي نڪته نگاهه کان جدا جدا نموني پيش ڪيو آهي . ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن جي راءِ آهي ته : ”آڳاٽي دور وارن رسالن ۾ سرن جي ترتيب جو مکيه مدار موضوع جي عام مقبوليت ۽ مضمون جي مشهوريءَ جي لحاظ سان مرتب ڪئي ويئي ، نه راڳ جي سلسلي تي . انهيءَ ڪري اهي سر سسئي سان شروع ٿين ٿا ۽ آخر ۾ سر ڪيڏاري کان پوءِ سر بسنت تي ختم ٿين ٿا .“ وچئين دور وارن رسالن جي ترتيب مشهوريءَ جي بدران راڳ جي روايت مطابق آهي ۽ راڳ جي محفل سج لٿي کان پوءِ نماز بعد شروع ٿيندي آهي ، تنهن ڪري وقت جي لحاظ کان رسالا راڳ جي ”سر ڪلياڻ“ سان شروع ٿين ٿا ۽ آخر ۾ سر ڪاريل بعد سر بسنت تي ختم ٿين ٿا . “-٢

شاهه جي رسالن ۾ سرن جو تعداد به جدا جدا آهي، جيڪو ٢٨-کان ٣٦ سرن تائين آهي. "بمبئي ڇاپي جي پيروي ڪندي-٣ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي شاهه جي رسالي ۾ ٣٠ سر مقرر ڪيا" غلام محمد شهوائي، ڪلياڻ آڏوائيءَ به ساڳيءَ ترتيب کي قبول ڪيو. علامه آءِ-آءِ قاضي پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ ٢٩ سر رکيا آهن، ۽ علامه صاحب پنهنجي رسالي جي سرن جي ترتيب ۾ وڏي تبديلي آندي، جنهن بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن رسالي جي مهاڳ ۾ لکن ٿا ته:

"متن جي هن اشاعت جي خاص خوبي اها آهي جو هن ۾ شاهه جي ڪلام جو نفس مضمون، تورڙي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان گهرو مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ان کي انهي فطري ترتيب موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن جو شاهه جي زندگيءَ جو جدا جدا منزل سان مناسبت ۽ مطابقت جو امڪان آهي". هتي وڌيڪ لکي ٿو ته "انهي لحاظ سان شاهه جي ڪلام جو هيءُ پهريون مرتب ڪيل نسخو آهي، جنهن ۾ شاعر جي ذهن ۽ فڪر جي تدريجي ارتقا جو خاڪو نسبتاً صاف نظر اچي ٿو. شاعر جي زندگي ۽ فڪر جي درجيوار مرحلن مطابق ڪلام جي هيءَ ترتيب خود شاعر جي سوانح حيات جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته ٻاهرين بدل زباني روايتن جي برعڪس، خود شاعر جي پنهنجي ڪلام جي تسلسل ۾ سندس زندگي جي مختلف مرحلن جا اهڃاڻ موجود آهن .... ان ۾ انسان جي ذهني ۽ روحاني ارتقاءَ جي اعليٰ مرحلن جو عڪس موجود آهي."

مٿين راءِ مان ظاهر آهي ته پهرئين دور ۾ مضمون کي اهميت ڏني ويئي آهي، ۽ وچين دور ۾ راڳ جي لحاظ کان شاهه جي ڪلام کي اهميت ملي، ۽ جڏهن شاهه جي ڪلام جو مطالعو گهري سوچ ۽ فڪر جو نتيجو بڻيو، تڏهن ڪلام جي نفس مضمون ۽ فڪر کي اهميت ڏني ويئي. هر دور ۾ سهيڙيندڙن وقت جي ضرورت محسوس ڪندي پنهنجي سوچ، سمجهه جي مدد سان رسالن جي سرن جي ترتيب ۾ تبديلي پئي آندي آهي. هر ترتيب، ترتيب ڏيندڙ جي فڪر ۽ مطالعي جو نتيجو آهي، جنهن جو ڪونه ڪو مقصد ۽ مطلب ضرور ظاهر نظر اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته جڏهن سنڌ جا ماڻهون اقتصادي بدحالي جو شڪار هئا، تڏهن ترتيب ڏيندڙ اهو سوچي مضمون کي وڌيڪ اهميت ڏني هجي ته جئين شاهه جي ڪلام جو مقصد ۽ سمجهاڻي کي سنڌ وارا سمجهن ۽ انهي تي عمل ڪن ۽ پنهنجي ذهني الجهن کان نجات حاصل ڪن ۽ توڪل جو ترهو ٻڌي اڳتي ترقي جون راهون هموار سگهن ۽ جڏهن اهو اقتصادي ۽ سياسي بدحالي جو دور ختم ٿيو ملڪ ۾ سک ۽ آرام جي لهر آئي تڏهن شاهه جي ڪلام جي مضمون جي بدران راڳ کي روح جي راحت سمجهي شاهه جي ڪلام جي سرن جي ترتيب راڳ جي لحاظ کان ڏني ويئي. اها سرن جي ترتيب سرن کي وقت تي ڳائڻ جي لحاظ کان ڏني ويئي هئي ته ڪهڙو سر، وقت جي لحاظ کان، ڪڏهن ڳايو وڃي جئين ته راڳ شاهه جي روح جي راحت هو تنهن ڪري ۽ اها ترتيب مقرر ڪئي ويئي هجي.

دراصل اها ترتيب سنڌ ۾ ڪٿان آئي ۽ ڪيئن آئي ! انهي تي هتي بحث ڪرڻ جي ضرورت نه آهي پر ايترو ضرور آهي ته

ڏوهيڙن ۽ وائين واري شاعري ( يعني هندي وزن تي چيل شاعري)
جنهن جو موضوع ۽ مرڪزي خيال تصوف جي سڳي ۾ پوتل هو،
-ا فني قالب ۽ موضوع جي لحاظ کان گهڻو اڳي هندستان ۾ پوري
جذباتي ڪيفيت ۽ فني اوج ۽ عملي شڪل ۾ موجود هئي، جنهن
کي هندي يا گجراتي شاعري چيو وڃي ٿو. انهي شاعري بابت
جناب جميل جالبي لکي ٿو ته ' اردو شاعري جو پهرئين روايت
خالص هندي صنفن ۽ وزن تي قائم هئي ۽ هندو تصوف جي
انهيءَ رنگ کي قبول ڪري ٿو. جنهن جا سڄي برعظيم ۾
نات پنٿ، ڀڳتي ڪال، امير خسرو، بابا فريد، بوعلي قلندر، ڪبير،
شيخ عبدالقدوس گنگوهي، شاهه باجن، قاضي محمود دريائي،
جيو گام دهني، گرو نانڪ، ميرانجي، شمس العشاق برهان الدين
جانم وغيره اثر کان ڏکڻ، اوپر کان اولهه تائين روايت جي پيروي
ڪندڙ هئا. هن شاعري جون صنفون اهي ئي آهن جيڪي برعظيم
۾ ڀڄن، گيت، ڏوهيڙن جي شڪل ۾ زماني قديم کان هلي
رهيون آهن . (٥)

هندستان ۾ اسلام جي اچڻ کان پوءِ ويدانت تي جيڪو اسلامي
تصوف جو رنگ چڙهيو هو تنهن اهڙو روپ اختيار ڪيو هو، جو هڪ
طرف انهيءَ پنهنجي اصليت کي قائم رکيو، ٻئي طرف هتي جي
نون مسلمانن کي پنهنجائپ جو احساس ڏياري، قديم روايتن جي
اثر کان ڪڍي، هڪ نئين زندگي جو ديدار ڪرايو. جيڪا هڪ
طرف هنن کي پنهنجي محسوس ٿي، ٻئي طرف زندگي ۾ نئين
تازگي محسوس ڪندي خوشي ۽ ذهني لذت محسوس ڪئي.

جيئن ته هندو مذهب جو بنياد موسيقي تي هو ۽ تصوف ۾
موسيقي جي ممانعت هئي ۽ انهن ٻنهي جي ميلاپ ڪري هندستان

۾ تصوف هڪ نئون رنگ ۽ آهنگ اختيار ڪيو، جنهن نہ رڳو نون مسلمانن جي دل ۽ دماغ کي سرور بخشيو پر هنن جي دنيا جي ڪائنات کي تبديل ڪري ڇڏيو. بهرحال جنهن صنف ۾ تصوف ۽ ويدانت جو ملاپ خاص ڪري نظر اچي ٿو اها هئي جڪري (ذڪري) جيڪا سازن تي ڳائي ويندي هئي ۽ جنهن جو موضوع، مناجات حمد، ذڪر خدا هو. اها هڪ نئين سرور بخشيندڙ صنف هئي جنهن مقبوليت حاصل ڪئي.

جيئن تہ اسان جي سنڌي شاعري جي ابتدا سمن ۽ سومرن جي حڪومت کان لڳي وڃي ٿي، تنهن ڪري هتي اسين هندي وزن تي چيل جنهن شاعري جو اثر نظر اچي ٿو تنهن جو مختصر جائزو پيش ڪريون ٿا تہ جيئن هندي، سنڌي شاعري جي هيئت ۽ موضوع جي هم آهنگي جو اندازو ڪري سگهجي.

سومرن ۽ سمن جو دور حڪومت ٧٠٠ھ کان ٩٢٢ھ، مطابق ١٣٠٠ع کان ١٥١٩ع تائين رهيو. انهيءَ عرصي ۾ اسان کي سنڌي شاعري جا ابتدائي اهڃاڻ ملن ٿا ۽ هن ئي دور ۾ گجرات ۾ شيخ بهاالدين باجن ملي ٿو (٧٩٠ھ-- ٩١٢ھ مطابق ١٣٨٨ع کان ١٥٠٦ع) هن جي شاعري، هندي شاعري جي وزن تي هئي. تصوف جي موضوع تي شاعري ڪرڻ ڪري هن کي ممتاز ۽ نمائنده حيثيت ملي. "هي برهانپور جو رهڻ وارو هو، شيخ معزالدين جو پٽ هو."(٦) هن جو موسيقي سان گهرو لڳاءُ هو. شيخ رحمت الله جو مريد هو. باجن هن جو تخلص هو. سندس سڄو ڪلام ذڪرين (جڪرين) ۽ ڏوهيڙن تي آهي. هن جي زبان هندي يا گجراتي آهي. سندس شاعري ۾ هندو ۽ مسلم اثر مليل نظر اچي ٿو. هن

جني ڪلام جو موضوع ذڪر خدا، ذڪر رسول، ذڪر پير ۽ مرشد، ذڪر تجربات، باطني روحاني واردات سان ڀرپور آهي. هن جو ڪلام راڳ تي ٻڌل آهي ۽ سازن تي ڳائي سگهجي ٿو. سندس زبان عام فهم ۽ آسان آهي. جيئن ته ذڪري ڳائي ويندي آهي تنهن ڪري هن جي حيثيت گيت، راڳ ۽ راڳڻين جي انهن ٻولن جهڙي هوندي آهي، جيڪي سازن تي وڄائي ٻڌندڙن جي اندر ۾ وجد ۽ سرور پيدا ڪري سگهبو آهي. هن جي شاعري ۾ جيڪو مضمون سمايل آهي. اهو مريدن ۽ طالبن جي هدايت سان گڏ، الاهي محبت، حقيقي عشق جي جذبن سان ڀرپور انداز ۾ نظر اچي ٿو.

ذڪري جي ڳائڻ جو انداز به ڪافيءَ جي ڳائڻ جي انداز کان مختلف نه آهي. ذڪري سازن تي ڳائي ويندي آهي ۽ سندس مضمون تصوف جو اظهار سان ڀرپور آهي جيئن ڪافي ۾ ڳائڻ وارا ڳائيندي وچ ۾ بيت يا ڏوهيڙا ڏيندا آهن تيئن ذڪري جي ڳائڻ وقت وچ ۾ ڏوهيڙا ڏيندا هئا. اهڙي ريت مضمون ۽ ڳائڻ جي انداز جي لحاظ کان هي ٻئي صنفون هڪ مقصد رکن ٿيون. هيئت جي لحاظ کان ذڪري کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي پهرئين کي ”عقده“ انهيءَ کان پوءِ ٽن ٽن مصراعن وارا بند جيڪي هوندا هئا تن کي ”بين“ ۽ آخرين بند جيڪو به ٽن مصراعن وارو بند هوندو آهي تنهن کي ”تخاص“ چيو ويندو هو.

هر ذڪري جي لکڻ کان اڳي اهو لکيو ويندو هو ته هيءَ ذڪري ڪهڙي سر يا راڳڻي سان تعلق رکي ٿي. باجن جو ڪلام ڳائڻ وڄائڻ جي لاءِ مخصوص سرن جي مطابق ترتيب ڏنو ويو آهي. سندس ڪلام جو وزن هندي آهي.“ (٧)

”مثال طور عقيده درپرده صباحي ، درپرده بلاول، عقيده درپرده توڙي وغيره. هن دور ۾ سنڌي شاعري جو مکيه مرڪز لاڙ ۽ ڪڇ هو. اسماعيلي بزرگن جا گنان هڪ اهڙي صنف آهي جنهن کي سنگيت ودّيا يا راڳداري موجب ڪافي جي صنف چئي سگهجي ٿو.(٨)

ساڳي ريت اهو ساڳيو موسيقيءَ جو شاعريءَ سان ميلاپ وارو رنگ ۽ روپ ۽ خوبين جو اهو اپار چڙهاءُ جيڪو انهي وقت هندي شاعري ۾ نظر اچي ٿو، اهو ڪلهوڙا دور تائين سنڌي شاعريءَ ۾ عام ملي ٿو.

سمن ۽ سومرن کان پوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت جو دور شروع ٿئي ٿو جيڪو ٩٢٧هه کان ٩٧٣هه مطابق ١٥٢٠ع کان ١٥٦٥ع تائين رهيو هو. هن دور ۾ اهو شاعر ملي ٿو جنهن جو ڪلام سنڌي ۾ لکيل صورت ۾ مليو. اهو شاعر هو قاضي قاضن. ساڳي دور ۾ ” گجرات ۾ اسان کي قاضي محمود دريائي هندي زبان ۾ شاعري ڪندي ملي ٿو، جنهن کي عقيدت کان خواجه خضر چيو ويندو هو.“(٩) هن جي ڪلام جي موضوع ۾ الله، رسول ۽ مرشد سان عشق جي اظهار، دين ۽ دنيا جا سڀ مسئلا بيان ڪيل آهن. هن جو ڪلام ۾ ڳائڻ ۽ وڄائڻ سان تعلق رکي ٿو. سندس ڪلام ۾ عشق جي گرمي انتها جي ظاهر نظر اچي ٿي. فراق جي ڪيفيت ۽ محبوب جي مشاهدي جي تمنا، انهي جي ديدار لاءِ هروقت اکين جو انتظار ڪرڻ، سندس شاعري جو مکيه مقصد آهي. هن جو موسيقي سان جيڪو لڳاءُ ۽ دلچسپي هئي، تنهن جو عالم هي هو، جو جڏهن مرڻ جو وقت قريب آيس تڏهن محفل سماع منعقد ڪرايائين ۽ وجد و حال جي ڪيفيت ۾ رقص ڪندي سجدي

مٿين حوالي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جي ڪلام جي راڳ ۽ راڳڻين تي ڏنل ترتيب ڪا نئين نه آهي اها اڳئي گجرات جي هندي شاعري ۾ موجود آهي ۽ شاعري جو مضمون، موضوع ۽ مقصد به ساڳيو آهي ۽ هر شعر تصوف جي تار ۾ ترندو نظر اچي پيو. انهي کان سواءِ جهڙي صنفون هندي شاعري ۾ عام هيون جيئن ته: ڏڪري، وايون، ڏوهيڙا، دوهيڙا اهي سنڌي شاعري ۾ به ملن ٿيون ۽ وزن به سڀني جو ساڳيو آهي. سڀ صنفون سوز ۽ ساز جو سلسلو قائم رکيو اچن. هر اها ڳالهه جيڪا موضوع، مضمون، هيئت ۽ مقصد جي لحاظ کان گجرات ۾ هندي شاعري جي روپ ۾ ظاهر هئي اها سنڌ ۾ ارغونن جي دور حڪومت کان پوري آب تاب سان رونما ٿئي ٿي. انهي شاعري جا روح روان شاعر به سنڌ سان ڪنهن نه ڪنهن طرح تعلق رکن ٿا.

هر شاعر جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته شاعر جي زندگيءَ جو پورو مطالعو ڪيو وڃي. شاهه جي حياتي جي مطالعي کان پوءِ، سندس ڪلام جي فڪري پهلوئن کي ترتيب ڏيڻ، سندس حياتي ۽ ڪلام جي سلسلي کي ملائي جدا جدا مرحلا مقرر ڪري سندس ڪلام جو مطالعو ڪرڻ نهايت ضروري آهي. گربخشاڻي شاهه جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙن ۾ پهريون مرتب هو، جنهن شاهه جي حياتيءَ جو مڪمل مطالعو ڪرڻ کان پوءِ سندس حياتيءَ جي واقعن ۽ حالتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ پوءِ شاهه جي ڪلام کي ترتيب ڏنو ۽ ساڳي ترتيب کي شهوائي ۽ آڏوائي قائم رکيو. گربخشاڻي واري رسالي جي ترتيب جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته هي پهريون مرتب ڪندڙ

ڇو ته تصوف ۾ شريعت سالڪ کي رياضت ۽ عبادت جون پابنديون ۽ اطاعت سيکاري ٿي ۽ جڏهن سالڪ اطاعت جو پابند ٿيو وڃي تڏهن هن کي طريقت يعني ٻئي منزل تي قدم رکڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ۽ اها منزل تمام مشڪل اڙانگي ۽ اوکي هوندي آهي. هن منزل تي هلڻ لاءِ سالڪ کي هر قدم تي سنڀالي قدم کڻڻو آهي. ڇو ته جيڪڏهن هن منزل تان غلطي ڪيائين ته پوءِ معرفت جو مقام حاصل ڪري نه سگهندو. تنهن ڪري هن منزل تي مرشد جي رهنمائي وٺڻ ضروري هوندي آهي پر مرشد به ڪامل هئڻ گهرجي جنهن تصوف جي سيني منزلن کي ماڻيو هجي. ٻين لفظن ۾ سالڪ کي ڪامل مرشد وٺڻ گهرجي ڇو ته هن جي رهنمائي ۾ صوفي کي معرفت جو مقام حاصل ڪرڻو هوندو آهي اهو مقام تمام اڙانگو ۽ اوکو هوندو آهي ۽ جي هن منزل تي ڪاميابي سان مرشد جي رهنمائي ۾ هلندو رهيو ته پوءِ پنهنجي محبوب جو درلڀ ديدار ۽ مشاهدو حاصل ڪري سگهندو. پر جيئن ته سالڪ لاءِ محبوب جو ابتدائي وصال دائمي نه هوندو آهي تنهن ڪري منزل تي جيڪڏهن خطا ٿي ته وري اها منزل حاصل ٿيڻ مشڪل ٿيو وڃي. ڇو ته جيڪڏهن اهو ديدار سالڪ کي دائمي حاصل ٿي وڃي ته پوءِ سالڪ جي اندر ۾ جيڪا وصال حاصل ڪرڻ لاءِ لوچ ۽ تڙپ هوندي آهي سا ختم ٿيو وڃي، ۽ تصوف ۾ اها لوچ تڙپ هميشه سالڪ جي قلب ۾ رهڻ گهرجي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان سالڪ جي اندر ۾ پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ محبت جي خواهش وڌندي رهندي. جيڪا هن ۾ دائمي وصال پيدا ڪرڻ لاءِ مددگار ٿيندي. اهو ساڳيو حال سر سهڻي ۾ سهڻي ۽ ميهار جي

کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رچيل نہ هوندو آهي ۽ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ هو حق جو جلوو پسندو آهي. جهڙين شاهہ چوي ٿو تہ :

سيت پچار پرين جي ، سيت هوت حضور

جڏهن شاهہ سالڪ جي اندر جي ڪيفيت ڪي ظاهر ٿو ڪري تہ چوي ٿو تہ :

ڪامان ، پچان، نہ مران، مڙان ساري رات،
پن پٽائي ڪي وجهي، ڪر پريان جي تات.
سيخون سنديون سجڻين ، آيرن آڌي رات ،
نہ ڪي هٽ نہ سات ، ڏيهاڻو چنگ چڙهان .

جيئن تہ شاهہ هڪ طرف صوفي هو ٻئي طرف شاعر هو، ٽئين طرف نفسيات جو ماهر ۽ چوٿين طرف پنهنجي هر خوبي کي ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ تي هر ڪردار ۾ ظاهر ڪيو اٿس. سندس شخصيت هر ڪردار ۾ نمايان نظر اچي ٿي. جو تہ سيني ڪردارن جو مقصد ۽ مراد هڪ ئي آهي سندن عمل هڪ ئي نڪتي تي ٻڌل آهي ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ سيني جي تہہ ۾ هڪ ئي خيال سمايل آهي جو آهي سالڪ جو انهن سان پيار ۽ قرب پيدا ڪرڻ ۽ اهو قرب ڪڏهن ۽ ڪيئن پيدا ٿئي ٿو تنهن لاءِ هر سر ۾ شاهہ سورمن ۽ سورمين ( سالڪن ) جي واتان چوائي ٿو تہ :

لکيو لوڙي سيڪا ، ڪان لکي ڪسون ڌار

جيئن سهڻي جي واتان چوائي ٿو تہ :

اي ڪم الاهي ، نات ڪنن ۾ ڪير گهڙي.

---

ڪير ڪن؟ آئون ڪير؟ ڪير ڏهر سهي ڏم جا.

---

ڦضارءِ ڪير ڌري، مثي ڀانئي ڀير.

---

وري مارئي جي واتان چوي ٿو:

قسمت قيد ڪيو، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾.

---

آئي لکئي لوهه جي، هند ڏيکاريم هي.

سسئي ٿي چوي ته:

هي ڪميڻي ڪير، جو امر کي آڏو اچي،

---

اي ڪرم جو ڪاڍو، نات ڀڙ ڪير پند ڪري.

شاهه جي سڀني ڪردارن جي زندگين جو مقصد هڪڙوئي آهي الاهي امر جي پيروي ڪرڻ جيڪا انساني زندگي جي مراد آهي ٻين لفظن ۾ ڌڻي تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ، تنهن ڪري هر هڪ انسان لاءِ ضروري آهي ته الله جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ الله جي محبت کي من ۾ رکي محبوب جو مشاهدي ماڻي.

شاهه جا سالڪ دنيا جي درياهه ۾ پنهنجي محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ زندگي جي لاهين چاڙهين جون جدا جدا منزلون طي ڪندا، پنهنجن پنهنجن ڪچاين ڦڪائين، ڪمين، ڪوتاهين، خامين خطائن ڀلن ڀولاين، ابوجهائن، انجاناين ۽ اعتقدن جي لهرن ۾ لڙڪندا ليئندا پيئندا، پاڻ پتوڙيندا پتڻ تي پهچڻ لاءِ ساهه صدقو ڪن ٿا. شاهه جا سالڪ اميدن ۽ آسرن جي وهڪري ۾ وهندي، پنهنجي وجود جي هئڻ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪڏهن لهرن تي

اهڙي طرح شاهه جي پهرين پنجن سرن ۾ سالڪن جي سڪيا جا سبق ڏنل آهن ته پوين ٻارهن سرن ۾ سالڪن کي ڏنل سڪيا بابت عملي قدم کڻندڙن جا مثال ڏنا آهن ته سالڪ جيڪي مٿين سڪيا تي عمل ڪندي ڪتي ڪا خطا ڪن ٿا ته انهيءَ جو نتيجو ڇا ٿو نڪري. تنهن ڪري انهن خطائن کان بچڻ لاءِ طريقا ٻڌايا ويا آهن ۽ هر سالڪ جي منزل ظاهر ڪئي ويئي آهي.

شاهه جي ڪلام ۾ ڪابه ڪهاڻي تفصيل سان بيان ٿيل نه آهي پر ڪهاڻي جا اهي پهلو يا اهي حقيقتون ۽ اهي ڳالهيون جيڪي سالڪن جي عمل سان ملن ٿيون تن کي بيان ڪيو آهي. تنهن ڪري شاهه جا ڪردار هڪ طرف شاهه جو مقصد ۽ تعليم کي پيش ڪن ٿا ٻئي طرف اهي ڪردار سنڌ جي تهذيب تمدن ثقافت تي پيش ڪندي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪن ٿا. تنهنڪري پڙهندڙن کي اهي ڪردار پنهنجائپ ڪري وڏيڪ پيارا وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ محسوس ٿين ٿا. اهي ڪردار شاهه کان اڳي به سنڌ جي عام ۽ خاص ماڻهن ۾ مقبول هئا ڇو ته اهي ساڳيا ڪردار شيخ جوهڙ، شاهه ڪريم بلڙي واري شاهه لطف الله قادري، شاهه عنايت ۽ گجرات جي هندي شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهن پوءِ ڪن ڪنهن هڪ کي ڪنيو ڪن ٻن کي ڪن سيني کي ڳايو. اهڙي ريت اهي ڪردار اڄ به سنڌي شاعرن توڙي عوام ۾ محبوب ۽ مقبول ڪردار آهن يا ائين چئجي ته اهي ڪردار سنڌ جي هر فرد جي شخصيت ۾ سمايل آهن يا نفسياتي طور سنڌ جي هر فرد جي ڪردار جو حصو آهن جن کي سنڌ جا ماڻهون پاڻ کان پري ڪري نٿا سگهن. انهيءَ ڪري انهن ڪردارن کي سنڌي

ادب ۾ پاڻ پسائڻ جي حيثيت حاصل آهي. اهي ڪردار هڪ طرف ڪهاڻين جا ڪردار آهن ٻئي طرف سنڌ ۽ سنڌين جي سڃاڻپ آهن. انهيءَ ڪري شاهه جا سورما ۽ سورميون جن کي ٻين لفظن ۾ شاهه جا سالڪ چئون سي نه رڳو ڪهاڻين جا ڪردار يا سالڪ آهن پر شاهه جا تصور به آهن جن کي هن سالڪن جو روپ ڏيئي هڪ طرف انهن ۾ دنيوي عشق جي سچائي ظاهر ڪئي آهي ٻئي طرف الاهي قرب جي قالب ۾ ڪڙي فراق ۾ فنا ڪري معرفت جو مقام ڏياريو آهي. جڏهن اسين مارئي جي حيثيت کي ڏسون ٿا ته هڪ طرف اها ڪهاڻي جو ڪردار آهي جنهن ۾ وطن جي حب ۽ سڪ آهي ۽ حب‌الوطني جي پيڪر آهي پر جڏهن شاهه جي ڪلام ۾ مارئي جي ڪردار کي ڏسون ٿا اهو هڪ اهڙو سالڪ آهي جيڪو پنهنجي خالق سان ۽ پنهنجي اصلي وطن سان محبت ڪري ٿو ۽ پنهنجي اصليت کي نٿو وساري.

لا ڪئي لطيف جي پيدائش پرورش هڪ مذهبي خاندان ۾ ٿي هئي ۽ انهي خاندان جي رغبت قرآن مجيد ۽ حديث شريف سان هئي ۽ سندس سکيا ۽ تعليم به اسلامي عقيدي ۽ اصولن تي ٿي. انهي ڪري شاهه صاحب سان سفر ۾ قرآن مجيد، شاهه ڪريم جو رسالو ۽ مثنوي مولانا رومي گڏ هوندا هئا. ٻين لفظن ۾ مذهبي لحاظ کان شاهه صاحب جي تعليم اسلامي اصولن موجب ٿي. تنهنڪري هي قرآن مجيد حديث ۽ تصوف جي پوري ڄاڻ رکندو هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ قرآن حديث جي حوالي سان هر جاءِ تي انساني ذات کي هدايت ۽ رهنمائي ڪئي آهي. شاهه لطيف جي رسالي جي پوئين دور جي قلمي نسخن جي شروعات "اول الله

هن سلسلي جو آخري سر ڪيڏارو آهي جنهن ۾ اسلام جي بقا لاءِ امامن سر ڏنو ۽ ڪفر جي اڳيان نہ جهڪيا ۽ سچ جي راهہ تي سور ۽ سختيون سهي شهادت اختيار ڪيائون ۽ رسول جي اولاد اسلام جو جهنڊو بلند ڪندي دين ڪي نہ وڪيو ۽ هميشه لاءِ اسلام جي عظمت کي قائم رکيو اهڙي ريت هي چار ئي سر الله جي رحمت ۽ رسول ڪريم جن جي آمد ڪفر جو خاتمون ۽ اسلام جي بقا جو سبق ڏين ٿا ۽ الهيءَ مان شاهہ جي رسول ڪريم جن لاءِ محبت ۽ عقيدت جو اظهار بہ ٿئي ٿو.

اهڙيءَ ريت شاهہ جي ڪلام جي سرن جي ترتيب هن ريت ٿي سگهي ٿي.

**الف۔ اسلام سان عقيدت رسول ڪريم جن سان محبت**

(1) سر سارنگ (الله جي رحمت)

(2) سر ڪاموڏ (رسول ڪريم جي آمد)

(3) سر سورٺ (اسلام جي آمد ڪفر جو خاتمون)

(4) سر ڪيڏارو (اسلام جي بقا)

**ب۔ ورثو (Hereditary)**

(1) سر ڪلياڻ

(2) سر يمن ڪلياڻ

(٣) سر کنڀات

(4) سر سريراڳ

(5) سر سامونڊي

(6) سر آسا (شاهہ جي ڪلام جو مرڪزي خيال يا نچوڙ)

**(ت) شاهہ جا سالڪ Personality**

(1) سهڻي (عمل سهڻو سالڪ جيڪو دين ۽ دنيا سان پورو رهي ٿو)

(2) مارئي (اهو سالڪ جيڪو جهڙو آيو آهي اهڙوئي واپس ٿئي ٿو)

(3) سسئي (پنج سر) (غافل سالڪ ۽ غفلت جي سزا ڀوڳي ٿو)

(4) مومل راڻو (هن ۾ آئني طالب ۽ سالڪ وڏيڪ محبت ۽ سڪ ۽ اعتماد ڪري غفلت ڪري ٿو)

(5) ليلا چنيسر (دنيوي لالچ ۾ اچي غفلت ڪندڙ سالڪ)

(6) سر گهاتو (اهو سالڪ جيڪو عقل جي مدد سان نفس کي فنايت ڏيئي ٿو)

## (ث) شاهه جا آزمودا ۽ مشاهدا ماڻهن پکين جيتن ۽ جانورن بابت

(1) سر رپ

(2) سر ڪاهوڙي

(3) سر بروو سنڌي

(4) سر رامڪلي

(5) سر ڪاپائتي

(6) سر پورب

(7) سر ڪارايل

(8) سر ﭘرياتي

(9) سر ڏهر

(10) سر بلاول

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف جي زندگي جو مقصد حق ۽ حقيقت جي تلاش هو ۽ انهي ڪري هن پنهنجي ڪلام کي حق ۽ حقيقت جي تلاش جو آئينو بڻايو ته جئين سندس ڪلام نه فقط اصلاحي هجي ﭘر انهي پيغام جو ذريعو

پنهنجي بيتن ۽ واين ۾ انهن جو ڪلام حوالي طور پيش ڪيو. اهو ڪلام فقيرن ڳائڻن جي مدد سان ڪچهري ۽ محفلن ۾ ڳايو ويو ته جئين اهو فيض نه رڳو مريدن ۽ خادمن تائين پهچي پر اهو محبت جو پيغام عام ماڻهن تائين به پهچي. انهي سان شاهه جو مقصد هو ته ڪلام پڙهندڙ سندس ڏنل تعليم ۽ هدايت تي عمل ڪن ۽ زندگي الله جي احڪامن ۽ ياد ۾ گذارين انهي لاءِ چيو اٿن ته:

جي تون بيت ڀانئين ، سي آيتون آهين

وجهو من لاهين ، پريان سندي پيچري.

شاهه جو انهي سان مقصد اهو به هو ته هو عام ماڻهن کي سمجهائي ته سندن زندگي جو مقصد ڇا آهي ۽ انسان کي الله جي اڳيان اطاعت ۽ محبت سان سندس احڪام پورا ڪرڻ کهرجن. انهي لاءِ ته دين انسان کي اطاعت سيکاري ٿو ٻين لفظن ۾ انسان کي انهي احڪامن جو پابند بنائي جئن شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم

اوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.

اهو فهم جنهن سان الله کي پسجي ٿو اهو ٻيو آهي. ڇو ته شريعت تي عمل ڪرڻ احڪامن جي پيروي آهي پر الله سان قرب وڌائڻ لاءِ دل ۾ هر عمل محبت سان سرانجام ڏيڻو آهي. اهو ڪم طريقت جي دائري ۾ اچي ٿو. انهي لاءِ هيءَ مثال ٿي سگهي ٿو ته شريعت تي عمل ڪندي انسان ديني احڪام جيڪي قرآن ۽ حديث لازمي ڪيا آهن ، انهن جو پورائو ٿو ڪري ۽ اهڙي ريت شريعت انسان کي رڳو حڪمن جي بجا آوري

دنيا جي خالق سان محبت کان سواءِ ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا قرب وڌائي سگهي ٿي. الله جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ الله جي احڪامن جي پيروي محبت سان سرانجام ڏيڻ گهرجي. انهي لاءِ عملي مثال هي ٿي سگهي ٿو ته: سمجهو ته، تن سپاهين کي ڪنهن مهم تي موڪليو وڃي ٿو ڪين سواري لاءِ گهوڙا به ڏنا وڃن ٿا ۽ مهم کي پوري ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي ٿو (مهم دنيا ۾ انسان جو اچڻ آهي گهوڙي سواري لاءِ جسم آهي ۽ وقت انسان جي ڄمڻ کان مرڻ تائين زندگي آهي جيڪا مقرر آهي) پر هڪ سپاهي حڪم جي بجا آوري نٿو ڪري رستي ۾ آرام آسائش ڪري وقت وڃائي مهم کي پوري ڪرڻ کان اڳي واپس ٿئي ٿو. ٻيو اهو سپاهي آهي جيڪو حڪم جي پيروي ڪندي وقت کان اڳي پنهنجي مهم کي پورو ڪري ٿو. ٽيون اهو سپاهي آهي جيڪو حڪم جي پيروي به ڪري ٿو وقت جي اندر مهم مڪمل ڪري ٿو پر انهي سان گڏ وفاداري ڪندي قرباني به ڏيئي ٿو ۽ ثابت ڪري ٿو ته حڪم ڏيندڙ نه رڳو حڪم جي پيروي ڪري ٿو پر جي جان به وڃي ته ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هاڻ جڏهن ٽيئي سپاهي مهم جي وقت پوري ٿيڻ وقت مالڪ جي اڳيان ايندا تڏهن انهن ٽنهي جي حالت ڇا هوندي آهي. هڪ اهو جيڪو نه پوري ڪرڻ ڪري ڏوهاري آهي ٻيو اهو جيڪو حڪم پورو ڪري ٿو پر رڳو حڪم جي بجا آوري ڪري ٿو جيڪو هن جو فرض آهي. ٽيون اهو جو فرض پورو ڪري ٿو پر فرض پوري ڪرڻ وقت جان جي قرباني به ڏئي ٿو. اها قرباني به خوشي ۽ سڪ ۽ محبت جي جذبي سان. ته پوءِ اهو خود به خود اندازو ٿئي ٿو ته ڪهڙي سپاهي سان حڪم ڏيندڙ محبت ڪري سگهي ٿو ڪهڙي سپاهي

## حوالا

(١) فيروزاللغات ، فيروز سنز لميٽڊ ، لاهور، ص ٩٩٧
(٢) شاهه جي رسالي جي ترتيب ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه مرڪز حيدرآباد ١٩٧٣ ، ص ١٢
(٣) ايضاً ص ، ١٣
(٤) رسالو شاهه عبداللطيف، مرتب علامه آءِ آءِ قاضي ١٩٨١ ص، ب
(٥) تاريخ ادب اردو ، ڈاڪٽر جميل جالبي جلد اول مجلس ترقي ادب لاهور ١٩٨٤ ص ١٠٥
(٦) ايضاً ص ١٠٧
(٧) ايضاً ص ١١٠
(٨) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ. ڊاڪٽر غلام علي الانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ ص ١٧٣
(٩) تاريخ ادب اردو ص ١١٠
(١٠) ايضاً ص ١١٠
(١١) ص ١١٠
(١٢) شاهه جون سورميون . نارائڻ داس ميوو رام ڀمڀاڻي سنڌي ڪتاب گهر حيدرآباد ص ١٢١
(١٣) لطيف . مرتبه اسماعيل خواجه، محڪمه اطلاعات ڪراچي ص١٣
(١٤) ايضاً ص ٣٢
(١٥) ايضاً ص ١٥
(١٦) ايضاً ص ١٤

ڊاڪٽر قاضي خادم

# ادب ۽ روايتون

روايت پسندي Traditionalism (١) ۽ رجعت پسندي Rigidity (٢) ۾ تمام وڏو فرق آهي. ادب جي ڪيتر ۾ عام طور تي انهن ٻنهي کي هڪ ڪري سمجهيو ٿو وڃي. حالانڪ، روايتون ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب کي ماضيءَ جي ثقافتي، تاريخي مذهبي توڙي سماجي ورثي سان روشناس ڪرائين ٿيون. ان جي برعڪس رجعت پسندي پنهنجي غير لچڪيداري، سخت ۽ ڪٽر ذهن ۽ نه ڦرندڙ فطرت جي ڪري ادب ۾ جمود جو باعث بنجي ٿي ۽ ادب جو سدا بهار، تازو توانو وهڪرو هڪ رڪجي ويل، ميرواريل ۽ بدبودار گندي پاڻيءَ جي ڍنڍ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. تنهن ڪري ائين چئبو ته صحتمند روايتون ماضيءَ جو ورثو حال کي منتقل ڪن ٿيون ۽ ان طرح مستقبل لاءِ پڻ راهه هموار ڪن ٿيون. روايتن جي ڏس ۾ مشهور برطانوي شاعر ۽ نقاد ايذراپائونڊ لکي ٿو:

”دنيا جي هر ٻوليءَ جو ادب روايتن جي انهن حسين پيڙين ۾ جڪڙيل نظر ايندو آهي. ٿورو ڌيان سان ڏٺو وڃي ته هر ٻوليءَ جون ڪي مخصوص روايتون نظر اينديون، جن سان ڪنهن قوم جي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي لاڙن جي خبر پڻ پوي ٿي.“(٣) اهوئي سبب آهي جو ڪيترن اديبن وري پڻ ٻولين جي ادب جون سڀئي روايتون

اج ٻہ روپا، رني ڪوٽ منجبا وڃن ،
اج ٻہ ڪينجهر تي ڪنگ رڙندا وتن ،
ٻنيور تون مون لئہ، موهن ٻہ تون .
ٻنهنجي اجڙيل ڪهاڻي بہ تون. (١٢)

هن نظم ۾ سنڌ جي تاريخ جو حوالو ٿو ملي . حالانڪہ نظم جي صنف سنڌ جي شاعريءَ ۾ ايراني اثرات جي ڪري آئي تنهنڪري اهو چئبو تہ هن نظم ۾ هيئت جو واسطو ايراني روايت سان آهي . جڏهن تہ مواد جو واسطو سنڌ جي تاريخي روايتن سان آهي . ساڳيءَ طرح نياز جي طويل نظم هاءِ جيجل مارئيءَ ۾ وري سنڌ جي نيم تاريخي رومانوي قصن جي ڪردارن ڪي علامتن طور پيش ڪيو ويو آهي : هن ۾ مارئي، سسئي ، سهڻي ، مومل ۽ ٻاگهي جا ڪردار پيش ڪيل آهن . امداد حسينيءَ جو نظم ”ڪرڙ مهيٽو“ تي نظر وجهبي تہ اهو بہ ان زمري ۾ شامل نظر ايندو .

ڪاڪ جي جادونگر ۾ ،
وقت جي مومل ٻئي سڏڪا ڀري ،
زندگيءَ جي رڃ ۾ ،
وقت جي سسئي ٻئي واڪا ڪري ،
ڪير آهي جو ٻڌي ،
وقت جا سيئي ٻنهون ۽ مينڌرا ،
جنگ تي آهن ويا.
هاءِ اتان موٽي اچڻ، ڪر مهٽو. (١٣)

هن نظم جي هيئت Form يورپ جي آزاد نظم (Blank Verse) کان متاثر آهي، يعني يورپي روايت تي ٻڌل آهي. جڏهن تہ مواد، خيال توڙي ٻولي سنڌي تاريخي روايتن سان واسطو رکن ٿا .

برذو سنڌي پنهنجي نظم پٽ ڌڻي پلاري ۾ سنڌ جي تاريخي روايتن کي پيش ڪندي چوي ٿو:

تنهنجي ڪاڪ جي خاڪ اڏائي هاڻ پنيور جا پورا،
سنڌ جا هوت، او ڪاڪ جا راڻا اهڙي واءُ ورائي،
نوريون ناز وساري وينيون، سونجهي سون ميائي،
پيجل جي پولن ڏي اڄ جا ڪين ڏين ڪن زورا. (٣١)

ان طرح تاريخي روايتون ڪنهن به هيئت ۾ پيش ڪري سگهجن ٿيون.

## ثقافتي روايتون:

سنڌي ادب سنڌجي جهوني ثقافتي ورثي سان مالا مال آهي. اهي روايتون زندگيءَ جي سمورن شعبن سان گڏوگڏ ادب، آرٽ ۽ شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچن ٿيون. سنڌ جي جنڊي، ڪاشي، اجرڪ، ڏيهون ۽ گج، جهڙي طرح سنڌ جي ثقافت جي جدا جدا رنگن جي نمائندگي ڪن ٿا، تهڙيءَ طرح اهي ئي رنگ سنڌ جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ به رنگ پريندا نظر اچن ٿا. سنڌ جي ثقافتي رنگن سان پرپور روايتون سنڌي شاعريءَ جي جان آهن. سنڌ جا نيم تاريخي داستان ۽ انهن جون علامتي ڪهاڻيون ۽ ڪردار، جن ۾ مارئي جي حب الوطني، مومل جي بي پناهه محبت، سسئيءَ جي جدوجهد ۽ نوريءَ جي ناز جون روايتون اڄ سوڌو سنڌي شاعريءَ جي جان آهن. اڄ به سنڌيءَ جا عظيم شاعر انهن ئي ڪردارن جي وسيلي پنهنجي جذبات جو اظهار ٿا ڪن ۽ سنڌ جي ثقافت جي حفاظت پيا ڪن. انهن روايتن جو اثر اڄ به ايتروئي پرپور آهي، جيترو سمن ۽ سومرن جي دور ۾ هئو. ان جي اثر جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو

جي سونهن ۽ سگهند سمايل آهي، سنڌ ڌرتيءَ جا رنگ پکڙيل آهن.

امداد جو هائيڪو جنهن کي هو نيڙوءَ جو نالو ڏئي ٿو. جپان جي شاعريءَ جي هن مشهور ۽ اهم صنف جي هيئت ته هن قبول ڪئي آهي، پر خيال ۽ موضوع جي لحاظ کان ان ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ جي سگهند ٿي ملندي:

اڱڻ اداس اڪيلو نم،
اکين ۾ لهي آئي،
نيڙوءَ جي نم نم.

هن نيڙوءَ ۾ اڱڻ، نم، نيڙو (هڪ قطار ۾ بيٺل ٽي تارا) ذهن تي سنڌي ڳوٺ جي رات جي تصوير اڀارن ٿا.

هينئڙي اڄنم هول،
اچي وڃي ته اچي وڃي،
ڀڄي وئي ڪيرول.
چمڪيو ٻئي چوڏهين جو چنڊ،
ڪنجهي جي ولي ۾ ڏٺي،
مرڪي ڪير ملا ئي ڪنڊ. (١٩)

هنن جي ٻولي توڙي مواد سنڌي آهي، نه صرف ايترو پر جهاني هائيڪو جي اصولن پٽاندڙ قدرتي ماحول ۽ موسم توڙي محبت جو ذڪر به ڪاميابيءَ سان ڪيل آهي. هن ڏس ۾ تنوير جي هائيڪن تي نظر وجهبي ته اهي به نج سنڌي لڳندا.

سارا ماڻهو سون،
سنڌ جي ماڻهوءَ مثل،

آهي ڪٿ ٻه ڪونه.
ڪنهن جو چوربو چنگ،
۽ چرڪي آواز ڪان،
اڏري ويو هو ڪنگ. (٢٠)

رڻ تي رم جهم ۽ شيخ اياز جا هائيڪا ٻه سنڌي روايتن کي پيش ڪندا نظر اچن ٿا.

چڙن پڙاڏا،
اولڻيڙا اڳني ويا،
لڪ لنگهي آڏا.
ٽريلون ٽو هٽن،
اهرين مٿان هنج ٿا،
جهڻ سواري ڪن.
ناهي رات اماس،
پرياتي تاري ڏنو،
وشو مٿان وشواس. (٢١)

## مذهبي روايتون:

سنڌ جي ادب ۽ شاعريءَ تي مذهب جو تمام گهرو اثر رهيو آهي. حالانڪ سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان گڏوگڏ رهندا هئا، تڏهن ٻه ٻنهي جي لکڻين ۾ جدا جدا مذهبي اثرات نظر ايندا. مسلمانن جي لکڻين ۾ اسلامي مذهبي روايتن جو وڌو خيال رکيو ويو آهي. ان ڏس ۾ عربي شاعريءَ جي ڪيترين ئي روايتن کي بحال رکيو ويو آهي. خاص ڪري مولود، مناجات، منقبت کي ته سنڌ ۾ ڄڻ ته تاريخي ۽ ثقافتي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. عربيءَ جي روايتن ۾ سنڌي روايتون اهڙيءَ طرح ملي ويون آهن، جو اهي نج

جي عڪسبنديءَ لاءِ اڻ ٿر آهن. اهي روايتون ئي آهن جيڪي سنڌ ۽ سنڌ واسين کي دنيا سان متعارف ڪرائن ٿيون.

بنيادي انساني قدرن جي حوالي سان پڻ سنڌ جي شاعريءَ تي وڏي بحث ڪرڻ جي گنجائش آهي. هن حوالي سان ادبي روايتن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

## فڪري روايتون:

انهن ۾ سڀ کان اهم فڪري روايتون آهن. هنن روايتن جو واسطو فڪر يا سوچ سان آهي. جيئن ته هر قوم کي پنهنجون مخصوص فڪري روايتون هونديون آهن، جيڪي ان قوم جي ادب ۽ آرٽ سان واضح طور تي وانجهيل نظر اينديون آهن. انهن جو بنياد اهي تاريخي حقائق ۽ مخصوص جاگرافيائي توڙي ثقافتي حالتون هونديون آهن، جن جي ڪري اهي قومون ڪنهن خاص تشخص جون مالڪ بڻجنديون آهن.

سنڌ بنيادي طرح هڪ زرعي ملڪ آهي، تنهنڪري ان جا مسئلا ۽ اهڃاڻي آهن. ان تي اوائل کان ئي بادشاهن، اميرن، جاگيردارن، وڏيرن ۽ پيرن فقيرن جو غلبو رهيو آهي. تنهنڪري بنيادي سنڌي فڪر جون روايتون به اهڙن ئي موضوعن تي ٻڌل آهن.

هاڪ و هندو هاڪڙو، پڄندي پنڌ اروڙ،
بيهه مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي. (٣٢)

هن ۾ سنڌ جي ندي، اروڙ جو تاريخي شهر، مڇيون ۽ لوڙهه، جيڪي سنڌ جي ندين ڍنڍن ۾ عام جام ٿيندا آهن، تن جو ذڪر ڪيل آهي. ڌارين جي تسلط کان آزادي حاصل ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي بنيادي صوفيانه فطرت ۽ سوچ جون روايتون پڻ اوائلي وقت کان وٺي موجوده دور تائين سنڌ جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ظاهر ظهور نظر اينديون.

ڪتب آڻڻ ڪري ڏسبو تہ هن خيال توڙي مواد جي ڏارين روايتن کي بہ قبول ڪيو آهي. ليڪن سندس شاعريءَ جو وڏو حصو سنڌ جي تهذيبي روايتن توڙي سماجي ڪار ڪرتن، رسم و رواج ۽ حالات کي پيش ڪري ٿو. جنهن لاءِ هو نہ سنڌي خيال ۽ نہ سنڌي هيئت استعمال ڪري ٿو. ان سان گڏ انساني قدرن جي آفاقي حيثيت ۽ انهن جي مجموعي پيغام کي بہ پنهنجي ڪلام ۾ جڳهہ ڏي ٿو، جنهنڪري هن جو ڪلام هر دور ۾ نئون، سبق آموز ۽ اڻ ٽر حيثيت جو محسوس ٿو ٿئي.

شاهہ صاحب کان پوءِ وارن شاعرن جو مطالعو ڪرڻ سان اها ڳالهہ صاف طرح ظاهر ٿي وڃي ٿي تہ هر شاعر جدا جدا روايتن کي ڪٿي اڳتي وڌايو آهي. ڪنهن صرف خيال جي حد تائين سنڌي روايتن جي پوئواري ڪئي آهي تہ ڪنهن مواد جي حيثيت سان سنڌي خيال جي روايت کي برقرار رکيو آهي. پوءِ هيئت هن آزاد نظم، هائيڪو، سانيٽ، ترائيل يا غزل واري ئي رکي آهي. اهڙي طرح هو ماضيءَ جو رشتو حال سان جوڙيندا رهيا آهن. روايتن کي زنده رکڻ ئي ترقي پسندي آهي. ان ڪري جو ڪابہ تهذيب ڪوبہ تمدن بلڪہ ڪوبہ معاشرو پنهنجي ماضيءَ کان الڳ رهي نہ فڪري ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ئي مادي ترقيءَ جا اڻ ڳت فائدا حاصل ڪري سگهي ٿو.

انهن مڙني حقيقتن سان گڏ ڪوبہ شاعر يا اديب پنهنجي دور ۽ وقت جي تقاضائن کي نظرانداز ڪري، ڪڏهن بہ زنده جاويد ادب تخليق نہ ٿو ڪري سگهي. ادب ۾ وطن جي مٽيءَ جي سڳنڌ بہ هجڻ لازمي آهي تہ وڌندڙ وقت سان قدم قدم ۾ ملائي هلڻ بہ انتهائي ضروري آهي. ان طرح ئي ادب جي جامع پيغام سان ڪو سبق حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## حوالا

1. Traditions - opinion - belief - Principles of Art banded down from the past. Traditional, that has been accepted by Tradition (Oxford Dictionary).
2. Rigid: Hard-Unbending-Strict, Unflexible (Ox. Dic).
3. Ezra Pound: Literary Essays. Faber and Faber, 3 Queens Sq. London 1954 pp. 91.
4. Geoffery Chaucer-Fifteen Poets. The English Library, Oxford Un. Press 1965 pp. 1-39.
5. Gavani Boccassio: Decamoran-Penguine Classics Harmonds Worth London 1943.
6. John Keats: Fifteen Poets pp. 358
7. Percy Bysshe Shelley: ,, pp. 344
8. George Gordon Byron: ,, pp. 310
9. Samual Taylor Colridge: ,, pp. 275
10. Fifteen Poets: pp. 69 and 221
11. Cervantes - Don Quixote: Penguine Books London 1962.

١٢- نياز همايوني- ڌرتيءَ جا گيت- تخليق پبلڪيشن حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٧ صفحو ٨٠.

١٣- امداد حسيني- امداد آهي اول- سنڌي اڪيڊمي- ٣٧٣ صدر حيدرآباد، ١٩٧٦ - صفحو ١١٣.

١٤- بردو سنڌي- اکيون ميگهه ملهار- سنگت پبليڪيشن نوابشاهه، ١٩٦١ صفحو ٧٣.

١٥- ڪشنچند عزيز- سمه ماهي مهراڻ- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڪراچي- ١٩٥٥ صفحو ٧.

١٦- حيدر بخش جتوئي- ٽه ماهي مهراڻ- صفحو ٥١

١٧- بردو سنڌي- اکيون ميگهه ملهار- صفحو ٥١.

١٨- تنوير عباسي- سج تريءَ هيٺان- نذر سنز (لميٽيڊ) ڪوٽڙي والا

چيمبرس حيدرآباد - ١٩٧٧ صفحو ١٧.

١٩- امداد حسيني - امداد آهي رول - صفحو ٣٥

٢٠- تنوير عباسي - سج تريءَ هيٺان - صفحو ١٧

٢١- شيخ اياز - رڻ تي رم جهم - نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٨٦ صفحو ١٣١

٢٢- سنڌي ادبي تاريخ ڀاڱو ٻيون - مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد .

٢٣- ميان سرفراز ڪلهوڙو - ٽه ماهي مهراڻ ٢-١٩٥٥ - صفحو ٧

٢٤- خانبهادر محمد صديق ميمڻ - سنڌي ادبي تاريخ - مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد .

ڊاڪٽر قاضي خادم

# ڄيون ڪهاڻيءَ جو فن

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيون ڪهاڻيءَ جي شروعات ناول کان اڳ ۾ ٿي چڪي هئي. (١) ليڪن ناول ۽ ٻين افسانوي ادب جي برعڪس جيون ڪهاڻيءَ جي فن جي ڪا خاص وضاحت ڪو نه ڪئي وئي آهي، نه وري ان جي باري ۾ تنقيدي ۽ تحقيقي ڪوجنا جوني ڪو ڪم ڪيو ويو آهي. تنهنڪري سنڌي جيون ڪهاڻين جو ماضي ۽ حال اڄ ڄاڻائيءَ جي ڏنڌ ۾ ويڙهيل آهي. انهيءَ ڪري هن اهم غير افسانوي صنف جو جائزو وٺڻ لاءِ ٻين ٻولين ۾ هن صنف تي ٿيل تحقيق جو جائزو وٺڻو پوندو.

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ هن صنف جي وصف هن ريت ڪيل آهي؛

"form of nonfictional literature, the subject of which is the life of an individual. In general the form is considered to include autobiography, in which the subject recounts his or her own history" .(2)

(غير افسانوي ادب جو هڪ قسم آهي، جنهن جو موضوع فرد جي حياتي هوندو آهي. عام طرح سان هن ۾ آتم ڪهاڻي به اچي وڃي ٿي جنهن جو موضوع هن جي پنهنجي تاريخ جو بيان هوندو آهي.)

'لٽرري بايوگرافي، جو ايڪ ليون ايڊل جيون ڪهاڻيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته؛

"The most delicate and hnmane of all the branches of the art of writing. A biography is a record in words

هن جي راهه مان وري اها ڳالهه ٿي محسوس ٿئي ته جيون ڪهاڻي ادب جي هڪ شاخ آهي. جڏهن ته يورپ جا ليکڪ توڙي سنڌي جيون ڪهاڻين جي اڀياس مان، هن صنف جو واسطو حقيقت سان هجڻ ڪري، اها تاريخ سان ڳانڍاپيل صنف لڳي ٿي، جنهن ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي حياتيءَ جي تاريخ بيان ڪئي ويندي آهي.

اردوءَ جو مشهور محقق علم الدين سالڪ هن ئي ڏس ۾ پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته، "سوانح نگاري هڪ قسم جي تاريخ آهي جيڪا هڪ فرد واحد جي ڪارنامن تي مشتمل ٿيندي آهي. افسانو خيال آهي ۽ هيءَ حقيقت ..... آتم ڪهاڻي ايتري قديم آهي جيترو خود انسان. بعض زبانن ۾ ته، هزارها سال پراڻيون آتم ڪهاڻيون آهن." (۱۲)

ڊاڪٽر سيد عبدالله جيون ڪهاڻيءَ لاءِ لکي ٿو ته، "اها مڪمل حالات زندگي يا زندگيءَ جي ڪنهن حصي جي روئداد هجي." (۱۳)

انهيءَ مان به معلوم ٿئي ٿو ته جيون ڪهاڻي افسانوي ادب کان وڌيڪ تاريخ يا حقيقت جي بنياد تي لکجندڙ صنف آهي، جنهن ۾ ليکڪ واقعات، دستاويزن ۽ زباني معلومات ۽ شاهدين جي بنيادن تي ڪنهن شخصيت جي جيون جو احوال لکندو آهي ۽ ان ۾ پنهنجي طرفان ڦيرڦار ڪرڻ جي هن کي ڪابه اجازت نه هوندي آهي. جڏهن ته آتم ڪهاڻيءَ جو ليکڪ وري خود مختيار هوندو آهي.

ٻئي طرف محترمه ريحانه قائم پنهنجي مضمون "آپ بيتي ڪيا هي" ۾ لکي ٿي، "آتم ڪهاڻي، جيون ڪهاڻيءَ کان بهتر ۽ دلچسپ تصنيف آهي. ڇو جو اها ذاتي آهي ۽ خود اديب

پنهنجي باري ۾ لکي ٿو، اهڙا واقعا جن جو علم هن کان سواءِ ٻئي کنهن کي به ڪونهي." (١٣)

حالانڪ آتم ڪهاڻي، جيون ڪهاڻيءَ جو هڪ قسم آهي، جنهن ۾ ڪو شخص پنهنجي شخصي زندگيءَ جي حالتن کي قلمبند ڪندو آهي. ان جي باري ۾ اڳ ۾ ئي وضاحت ڪري چڪا آهيون ته ان صنف ۾ ڪي ڪمزوريون آهن: ١- ڪو شخص ضروري ناهي ته پنهنجي باري ۾ مڪمل سچ ڳالهائيندو هجي. ٢- پنهنجين ڪمزورين جو بيان ڪرڻ به ناممڪن نه ته مشڪل ضرور آهي. ٣- پنهنجي ساراهه ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ به انساني سڀاءَ جي خلاف آهي. تنهن کان پوءِ ڪئين ڳالهيون اهڙيون آهن جن ۾ ڪو شخص پنهنجي ڪردار، قول يا فعل جي باري ۾ پاڻ منصف بڻجي نٿو سگهي. ان هوندي به سينٽ آگسٽس جي اعتراف، "Confession"، جنهن انهي دور جي مذهبي دنيا ۾ ٽرٿلو وجهي ڇڏيو، ايرل فلائين جو " My wicked wicked ways " جنهن هالي ووڊ جي فلمي دنيا جا پول پڌرا ڪيا، مارگريٽ ٽريوڊا جو "Beyond reason"، جنهن ڪينيڊا جي وزير اعظم جي زال هئڻ جي باوجود، پنهنجي زندگيءَ جا اهي حقائق لکي ڇڏيا، جو دنيا جي هڪ حصي کي ڇرڪائي ڇڏيائين. اردوءَ ۾ جوش مليح آبادي جي آتم ڪهاڻي، "يادون کي بارات" ۽ سنڌيءَ ۾ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي آتم ڪهاڻي "ڪيئي ڪتاب"، هن ڏس ۾ اهي مثال آهن، جن کي پڙهندي ذهن جي پردي تي اهو سوال اڀري ٿو ته ڇا هن طرح جو سچ به لکي سگهجي ٿو؟ خاص ڪري جڏهن ان سچ سان پنهنجي ذات سان گڏ ٻين جي ذات تان به پردو کڄي وڃي. ان صورتحال سان ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪو شخص پنهنجا

عيب لڪائڻ خاطر پنهنجي آتمڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ذات تي چندا وجهي . تنهنڪري آتم ڪهاڻيءَ کان بهتر جيون ڪهاڻيءَ جي صنف آهي. جنهن ۾ هڪ ٽياڪڙ شخص ، دستاويزن ۽ کوجنا جي آڌار تي ذاتي تعلقات ۽ جذبات جي بنيادن تي پنهنجي مشاهدي ۽ تخيل جي مدد سان ٻئي جي زندگيءَ جي تاريخ لکي ٿو، جيڪا ڪنهن حد تائين غير جانبدار ۽ مصدق ٿي سگهي ٿي .

هڪ ٻيو محقق يوسف جمال وري اهڙن روزنامچن کي آتمڪهاڻي ٿو سڏي جيڪي مشاهير ۽ اهم شخصيتون باقاعدگيءَ سان لکندا رهندا آهن. (١٥) حالانڪ روزنامچا نہ تہ ڇپجڻ لاءِ لکيا ويندا آهن ۽ نہ وري انهن جي نج ذاتي لکڻين ۽ يادداشتن کان وڌيڪ ڪا اهميت ٿي هوندي آهي . ها، البتہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هنن جي حيثيت سماجي تاريخ واري بنجي ويندي آهي . جنهنڪري انهن کي جيون ڪهاڻين جي لاءِ بنيادي مواد طور ڪم آڻي سگهجي ٿو.

ٻئي طرف مشهور مورخ ۽ نقاد غلام رسول مهر خطن کي بہ جيون ڪهاڻيءَ سان ڀيٽي ٿو ، هو پنهنجي مضمون ’آپ بيتيون ڪي اهميت‘ ۾ لکي ٿو ، ”خطن ۾ ذاتي حالات کان سواءِ وقت، عهد، ۽ ماحول جي اصلي تصوير ملي ٿي؛ غالب جي خطن ۾ هن جي سوانح ملي ٿي.“ (١٦) هيءَ راءِ بہ بحث طلب آهي . علم‌الدين سالڪ ان راءِ کي اڃا بہ اڳتي وٺي وڃي ٿو ۽ صوفين جي ملفوظات کي بہ آتم ڪهاڻين جو هڪ قسم ڪوٺي ٿو . هو لکي ٿو تہ، ”صوفين جا ملفوظات بہ آتم ڪهاڻين جي زمري ۾ اچي وڃن ٿا، جي هنن جا مريد، هنن جي گفتگو ۽ احڪامات جي آڌار

١- واقعاتي (Chronicle)- هن قسم جي جيون ڪهاڻين ۾ ليکڪ، دستاويزن ۽ واقعاتي شاهدين جي آڌار تي ڪنهن شخص جي زندگي ۽ ان جي مختلف پهلوئن جو تفصيلي جائزو وٺندا آهن. هن قسم جي جيون ڪهاڻين ۾ مواد جي فراهمي ۽ مواد جي تاريخ وار ترتيب تي گهڻو زور ڏنل هوندو آهي. تنهن ڪري اها لکڻي مڪمل طرح تحقيقي حيثيت رکندي آهي. سنڌيءَ ۾ هن قسم جون ڪيتريون جيون ڪهاڻيون آهن جن مان مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي لکيل ”حيات النبي“، قيرواڻي جو لکيل ”راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر“، مرزا قليچ بيگ جي لکيل خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي سوانح حيات ۽ اهڙيون ٻيون ڪئين جيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ اهم شخصيتن جي زندگيءَ جو احوال تاريخ وار ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي.

٢- تصويرڪشيءَ جي انداز ۾ لکيل (Portrait)- هن قسم جي جيون ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن شخصيت جي باري ۾ اهڙين احوال بيان ڪيل هوندو آهي، جو هن جي شخصيت جي هڪ مڪمل تصوير اڀري اچي. هن قسم جي جيون ڪهاڻيءَ ۾ انگن اکرن کان وڌيڪ تصوير ڪشيءَ تي زور ڏنو ويندو آهي. سنڌي ادب ۾ هن قسم جا جيون خاڪا آهن، جيڪي جدا ڪتابن کان سواءِ مختلف سوانح نمبرن ۾ ڪيترن اديبن ۽ عالمن ڀ لکيا آهن. محترم جي- ايم سيد جو ”جديد سياست جا نو رتن“، ۽ ”جنب گذاريم جن سين“، پيرحسام الدين راشديءَ جو ’هو ڏوٿي هو ڏينهن‘ ۽ ’ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون‘، ۾ سندن لکيل جيون خاڪا، ٽه ماهي مهراڻ جو ’سوانح نمبر‘، الرحيم جو ’١٢ صديءَ جا مشاهير نمبر‘ ۾ ان قسم جون مختلف جيون ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون، جن کي ڀي جيون خاڪا چوڻ بهتر ٿيندو.

اهڙيون پيون ڪيتريون ڳالهيون ، جن جي ذڪر ڪانسواءِ هيءَ آتم ڪهاڻي ادوري رهجي وڃي ها . (٢١)

جيون ڪهاڻي توڙي آتم ڪهاڻيءَ ڪي پڙهڻ مان اهوئي تہ فائدو آهي تہ پڙهندڙ هڪ نئين ماحول مان واقف ٿئي ٿو ۽ هن ۾ ان ماحول سان پنهنجي ماحول کي ڀيٽڻ جي خوبي پيدا ٿئي ٿي .

## ۴- سياسي ۽ سماجي پس منظر

جيون ڪهاڻيون ۽ آتم ڪهاڻيون هڪ ئي وقت سياسي ، سماجي ، ثقافتي ۽ تاريخي زندگيءَ جو اهڙو احوال ڏين ٿيون جيڪو ڪن مصلحتن جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن تاريخ ۾ بہ ڪونہ ملندو آهي . تنهنڪري انهن جي اهميت اجا بہ وڌي وڃي ٿي .

هي لکڻيون ماضيءَ جي ادب وانگر ئي آهن ، جيڪي تخيل کان وڌيڪ حقيقت سان واسطو رکن ٿيون . انهن کي پڙهندي ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي حقيقي ماحول ۾ پهچي وڃي ٿو ۽ ان دور جي مختلف رنگن کي بخوبي ڏسڻ لڳي ٿو . انهن ۾ ئي مختلف سياسي دورن جي عڪاسي ڪيل آهي . سيٺ نائونمل جي "يادگيريون" ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ جا واقعات ملن ٿا (٢٢) ، پير عالي شاهہ جي آتم ڪهاڻي "منهنجي ماضيءَ جا چند ورق" ۾ انگريزن جي دور جي ڪيترين ئي ڳالهين ۽ سياسي عمل جو ذڪر ملي ٿو ٢٣) ، مرزا قليچ بيگ جي "سائو پن يا ڪارو پنو" ، ۾ هڪ سرڪاري عملدار ۽ اورچ اديب جي حوالي سان ان دور جي ڪيترن ئي سياسي ۽ سماجي ڳالهين جو ذڪر ملي ٿو (٢٤) .

ساڳي طرح "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر" مان وري ان دور جي سياست توڙي سماج سڌار ڳالهين جو مڪمل احوال ٿو ملي (٢٥) تہ خانبهادر حسن علي آفندي جي جيون

ڪهاڻيءَ مان سا ڳئي دور جي مسلم سوچ جو احوال ته ملي (٢٦).

اهڙي نموني سنڌي آتم ڪهاڻين ۽ جيون ڪهاڻين مان ڏاڪي ٻه ڏاڪي مختلف دورن جو احوال حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ مختلف لکڻيون آڏو رکڻ سان اهو بخوبي محسوس ٿئي ٿو ته سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جي ڪا به ڪڙي کٽل گم ٿيل ڪانهي.

## حوالا


(١) سيٺ نائونمل جي آتم ڪهاڻي "ياد گيريوز" سنڌي ناولن، دل آرام ۽ زينت کان به اڳ جي لکيل آهي.

2. Encyclopaedia Britanica Inc. Chicago-U S.A 1986 P. 222
3. Leon Edel- Literary biography. Rupert hart- devis 1957 P- I
4. Herald Nicholson The development of English biograpy-Mathew and Co London, P-22
5. Ibid. P-27
9. Encyclopaedia Britnica P- 22
7. Alen Shelston-Biography (The Critical idea) Mathew and Co London. 1977 P- 3

(٨) قليچ بيگ، مرزا، سانُو ٻن يا ڪارو ٻنو. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. صفحو ١٣

9. Literary biography PP.3
10. Biography PP. 3

(١١) لعل پشپ، جوڙني لکڻ جي ڪلا (مضمون)، ماهوار ڪونج، انديا. نومبر ١٩٦٣ع

(١٢) سالڪ، علم دين. آپ بيتيون کي بعض نمايان پهلو، نقوش. سوانح نمبر. ١٩٦٣ع صفحه ٣٠

نور افروز خواجه

# پير صدرالدين ۽ شاهه لطيف

پير صدرالدين ٦٨٩هه مطابق ١٢٩٠ع ۾ سبزوار ۾ پيدا ٿيو. اسماعيلي عقيدي جي ڌهين امام سيدنا اسلام شاهه کيس 'وصي محمد' جو لقب ڏيئي تبليغ جي دعوت جو حڪم ڏنو. هن سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڪرتڙي الهر ڪيو شاهه ۾ پنهنجي مقصد جو هڪ مرڪز قائم ڪيو. جيئن ته پاڻ ننڍي هوندي کان ئي ملتان، سنڌ ۽ گجرات ۾ رهيو هو. انهيءَ ڪري کيس اتي تبليغ ڪرڻ لاءِ گهڻي مدد ملي.

پير صاحب پنهنجي تبليغي مقصد واسطي هندو ڌرم جو اڀياس پڻ ڪيو ۽ انهن جي ويدن، شاسترن، گرنٿن ۽ واڻين جو گهرو مطالعو ڪري، ويدانت ۾ مهارت حاصل ڪيائين. ويدانت ۽ تصوف جي مطالعي جي مدد سان پير ستگر نور جي 'ست پنٿ' ۽ پير شمس الدين جي 'شمسي مت' کي نئون روپ ڏنائين ۽ برهمڻن سان بحث ۽ مناظرا ۾ ڪمائين. اسلام جي اصولن کي، منطق جي مدد سان ويدانت جي اصطلاحن جو رنگ ڏيئي، انهن جي اڳيان پيش ڪيائين. سندس تبليغ جي ڪري بيشمار ڀاٽيا، لوهاڻا، برهمڻ ۽ ٻيا سندس هٿ هيٺ بيعت ڪري مسلمان ٿيا ۽ پير صاحب کي مرشد ڪري مڃيائون. انهن نومسلمن کي پير صاحب 'خواجه' جو لقب ڏنو.

پير صدرالدين انهيءَ تبليغي ڪم لاءِ هڪ رسم الخط به تيار

خواجن کي دين جا اصول شعرن ذريعي سمجهايا، جن کي "گنان" سڏيو ويو ٿو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو گنانن بابت لکي ٿو ته:

"گنانن جي هيئت بيت کان مختلف آهي. يعني ڪافيءَ وانگر ٿلهه ۽ ان کان پوءِ هر بند عليحدو ڏنل آهي. گهڻن ۾ هر بند کان پوءِ ٿلهه ورجائجي ٿو:

آهي گنان هندي، گجراتي، ملتاني، ڪڇي ۽ سنڌي (لاڙي) ٻولين ۾ آهن. جن ۾ بيشمار ديسي تشبيهون، استعارا ۽ ڪنايا به ملن ٿا. پيرصاحب جي ڪلام ۾ ڪم آندل ڪي اصطلاح به سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندا رهن ٿا، هنن بيتن مان معلوم ٿين ٿا ته:

ڪپاٽئين ڪتيو يارا، جڏهن ستو لوڪ،
تنهين پنهنجو ڪتي وڌو، گهڻيءَ ڳاڙهو ٿوڪ،

يا

جيڪي صبحڙي نه جاڳيا، تنهن ڪي حورون نه ايند يون هٿ.
سي هاءِ هاءِ ڪندا، هٿ هڻندا، جيئن هاريءَ وڃائي وٿ.
انهيءَ کان سواءِ "تانگهي مٿي ترهو پڙن" وغيره.

پير صدرالدين جو ڪلام تصوف ۽ ويدانت جي ميلاپ جي مضمون سان پربل آهي. پنهنجي ڪلام ۾ هن دنيا کي فاني ليکيو اٿس، ۽ انسان کي نصيحت ٿو ڪري ته: هي دنيا ڪنهن کي به نيبهه ٿيڻي ڪانهي. تنهن ڪري لازم آهي ته دل مان

---

(٣) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ١٩٧٣ع.

ڪوڙ ، ڪپٽ ۽ دولاب کی دور ڪري نفس جي غلاميءَ کان بچي، باطل کان دور رهي حق جي ڳولا ڪري، ننڊ ترڪ ڪري، سڄي رات الله جي عبادت ڪري ، وغيره. مطلب ته سندس سڄي ڪلام جو مقصد نصيحت ڪرڻ ۽ روحاني تعليم ڏيڻ آهي.

پير صدرالدين جي ڪلام ۾ خدا ۽ رسول الله ۽ مرشد جو ذڪر آهي. اهڙي ڪلام کی جميل جالبي ”ذڪری ڪلام“ سڏي ٿو، ”ذڪري ادب ۾ بنيادي طور خدا جو ذڪر ، رسول جو ذڪر ۽ پير و مرشد جي باطني تجربن جو ذڪر ۽ روحاني واردات کی اهڙي طريقي سان وزن ۽ عام فهم لفظن ۾ لکيو وڃي ٿو. جو انهيءَ کی ڳايو به وڃی ۽ سازن تي وڄائی به سگهجي ٿو. ذڪري جي حيثيت مختصر گيت يا راڳ ۽ راڳڻين جي انهن ٻولن ، ماترائن تي آهی ، جن کي ڳائي ، وڄائي ، مانهن جي اندر ۾ عالم وجد ۽ سرور پيدا ڪيو وڃي ٿو. انهن ۾ عشق ۽ محبت جا جذبا به هوندا آهن ، ۽ اهڙا ناصحانه مضمون به جن سان مريد ۽ طالب کي هدايت ٿی سگهی ٿي. (١)

انهيءَ کان سواء پير صدرالدين پنهنجي ڪلام ۾ قيامت جون ڏهه نشانيون به ٻڌايون آهن . فرمائي ٿو ته اهڙو وقت ايندو جڏهن نه برڪت هوندي، نه محبت رهندي، نه شرم هوندو ۽ نه ئی رحمت ، سخاوت، ايمان، قول، عدل ۽ صبر رهندو. هو فرمائي ٿو ته اهڙو وقت ايندو جو علم ڪير به نه ڄاڻندو. عالمن کي ڪير به نه پڇندو. سيٺي ڪپڙي ۽ لباس کي ئی اهميت ڏيندا.

---

١- ڊاڪٽر جميل جالبي : ” تاريخ اردو ادب“ مجلس ترقي ادب لاهور ١٩٧٥ع ص ١٠٧

پير صدرالدين شاهہ لطيف کان گھڻو اڳ ٿي چڪو آهي ۽ هتي اسان ٻنهي جي ڪلام ۾ مضمون ۽ موضوع جي هڪجهڙائيءَ جا ڪجهہ مثال پيش ڪريون ٿا.

پير صدرالدين فرمائي ٿو تہ ساراهہ هڪ الله ڪي جڳائي جو ٻنهي جهانن جو والي آهي ۽ جنهنجو ڪوبہ ثاني نہ آهي.

اوبچل الله، اوبچل خالق،
اوبچل قائم- ديال ايجي.

شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهہ قديم،
واحد والي وحدہٗ رازق رب رحيم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو تہ:

الله هڪ چاڻو سر جڻهار،
محمد چاڻو الله جو نبي.
نبي کان پوءِ صاحب امامت،
سچو چانجو مرتضيٰ علي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو تہ:

تون هي گُر، تون هي نرٓ،
تون هي ايجي آشا.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو.

ڪونا منڊپ ساڙيون، گهر گهوڙا پندار،
ڪنهن نہ نيا پاڻ سين يارا، جيو چلنتي وار.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

ڪاڪ نہ جهلئيا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن،
پائين ۽ پانهين، جي پنڌڻ ڪين پجهن،
لڪين لاهوتين، اهڙيون اورئا ڇڏيون.

قرآن شريف ۾ آهي تہ:

"ڀلي معلوم ٿئي ٿي، ماڻهن کي محبت خواهش جي. عورتن، پٽن ۽ ڍير ٿيل مالن مان، سون ۽ چانديءَ مان ۽ ڀليل گهوڙن ۽ چوپاين ۽ کيتيءَ مان، اهو سامان آهي. دنيا جي زندگيءَ جو ۽ الله وٽ آهي چڱي جاءِ موٽڻ جي." (۱)

پير صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪهڙيون اڏائين گڏ ماڙيون،
تنهن ۾ ڪهڙا پائين چٽ،
سيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾،
مٿان لتون تي ڏيندءِ مٽ.

انهيءَ ڪري اي غافل انسان تون خدا جي عبادت ۽ بندگي ڪر. آخر توکي صبحاڻي اڪيلو ڏي وڃڻو آهي. توسان گڏ ڪير بہ نہ هوندو، تو ماءُ جي پيٽ ۾ ئي پنهنجي حيي القيوم مالڪ سان عهد ڪيو آهي. انهيءَ کي پورو ڪر، تون پنهنجي دل ۾ سچو ايمان رک ۽ پنهنجن نفسياتي خواهشن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار کي ترڪ ڪر.

پير فرمائي ٿو تہ:

(۱) مولانا عبدالرزاق روهڙائي، "قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو."

كاچي كايا، جوڙي مايا،
بندا نهين، چالي تيري ساٿ،
انتڪال جائيشي ايڪلا،
بندا جنشي ڀالي هاٿ.

شاهه سائين انسان کي نصيحت ٿو ڪري ته موٽڻ ۽ مالڪن کي وساري ڪچ ۽ ڪوڙ جو واپار پيو ڪرين، صاحب کي رکو سچ ٿو وڻي، تون ڀاڻ مالڪ آهين، اندر ۾ محبت جو مچ ٻار. تنهنجو ٻيڙو پاڻهين سان چونڀ ۽ تائين چور آهي ۽ اها توکي ڄاڻ آهي:

ڪچ ڪمايوم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا،
ٻيڙو جو پاڻهن جو، سو چونڀ ۽ تائين چور،
معلوم اٿيئي مذڪور، ڳوڙها انهي ۽ ڳالهه جو.

پير صاحب فرمائي ٿو ته: عاشق کي معشوق جي وصال لاءِ هميشه ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پرين ۽ جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ننڊ کي ترڪ ڪريو. سڄي رات الله جي عبادت ڪريو جو ته:

اٿ بيٺ بندا، تون ڪائي ڪون سوتا هي.
سو وڻ پلا نهين هووي، جاڳترا صاحب سيڪو پاوي.
سووي نه پاوي ڪوئي.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته جيڪي سنجهي ني سمهي رهن ٿا، سي ڪيئن پنهنجي محبوب کي حاصل ڪندا:

سنجهي رهين سمهي، غافل سنجهه گهرن،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪر ڳل سوه نه ڪن،
سي ڪيئن محب مڙن، جي سنجهي رهن سمهي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو ته: مصيبتن کان گهبرائجي انسان کي ڪوشش جو دامن هٿان نه ڇڏڻ گهرجي. محبوب جي ديدار

لاءِ آخري دم تائين بہ انسان جي جستجو جاري رهڻ گهرجي. سچو طالب ڪڏهن بہ نراس نٿو ٿئي ۽ هو راتين جو جاڳي ٿو، ۽ پنهنجي منزل ماڻي ٿو.

آئي الله نہ گهرين ٻندا،
تون ستين سڄي رات،
نڪا جوڙي جيو جي،
نڪو سمر ساٿ،
شاهہ جو محبوبو تنهين تي،
جوڪي صبحڙي جاڳيا.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ سلطاني سهاڳ آهي ئي ماڻهندا، جيڪي ننڊون نہ ڪندا.

"ستا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي."

پير صدرالدين پنهنجي گنانن ۾ تمثيلي انداز کان ڪم ورتو آهي. هن اشارن، ڪناين، تمثيلن ۽ علامتن ذريعي عشق ۽ محبت جو اظهار ڪيو آهي. هو چرخي ڪتڻ وارين جو مثال ڏيئي چوي ٿو تہ هنن کي اهڙي ڪا لنئو لڳل آهي جو آسر جو اچيو آڻ ۾ ويهن ۽ سٽ ڪتين.

ڪپاتئين ڪتيو يارا جڏهن ستو لوڪ،
تنهين پنهنجو ڪتي وڌو، ڳچيءَ ڳاڙهو ٽوڪ.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ ڪتڻ واريون ڪتين بہ پيون ۽ ڪتن بہ پيون. اهي نفعي ڪارڻ آسرجو اچيو آڻ ۾ ويهن، انهن جي سٽ جي سهڻائيءَ لاءِ صراف بہ سڪن ٿا، انهن جا ست ڪڏهن بہ تارازيءَ ۾ نہ تريا پر ائين ئي اگهامي ويا.

کو جو وه ڪاپائتين، ڪنبن ۽ ڪتين،
ڪارڻ سود سواربون، آئڻ منجهه اچن،
ان جي ..ونهن سيد چئي، صراف ئي سڪن،
اگهيا ست سندين، پائي تارازي نه توريا.

پير فرمائي ٿو تہ انهن جوڙا بہ ست ڪتيا، اگهامي ويا.

جيڙو ني تيڙو، اگهيو يارا، هوند ڪتيائون،
پوه صبحائي سرتين وچ، ملي مرڪيائون.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ جيڪي مٽن بہ محبت رکي ست ڪتين ٿيون انهن جا اڻ توريائي اگهامجي ويا.

محبت رکي من بہ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو.

پير فرمائي ٿو تہ انهيءَ ڪري جن سائينءَ کي پوڄيو اهي دنيا جي خوفن ۽ خطرن سان مقابلو ڪري سگهن ٿا. هو توبهن زاري جي برڪت سان طوفانن مان بہ سلامتيءَ سان پار اڪري وڃن ٿا. هو توڪل جي آذار تي اونهيءَ مان اڪري ويا. انهن کي وچ سير بہ ڪنهن ماهر مکانيءَ جا هٿ اچي رسيا. اها سڌ غواص کي ئي آهي تہ سمنڊ ڪيئن سوجهجهي. اهو تمام وڏو ۽ گهرو سمنڊ آهي، جنهن جي انتها تائين هر شخص نتو پهچي سگهي. پر جيڪو بہ پهتو، اهو انهيءَ مان مائڪ ضرور مائيندو.

سها آ ڳم سمندر ڪهاوي،
جا ڪون ڪوئي پار نہ جاوي،
جو اس سمندر مان ڊبڪي کاوي،
مرجيوا هو ئي سو ئي مائڪ لاوي.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ :

سي ڀوچارا ڀر ٿيا، سمنڊ سيوبو جن ،
آنڌائون عميق مان ، جوتي جواهرن ،
لڌائون لطيف چئي ، لالون مان لهرن ،
ڪانهي قيمت تن، ملهہ، مهانگو ان جو .

ٻيو فرمائي ٿو تہ عاشق کي عشق جي راهہ ۾ سڀ تڪليفون ۽ مشڪلاتون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. ڪيئن نہ جيتامڙو پتنگ محبت وچان باهہ ۾ ٽپي پاڻ کي فنا ڪري محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو، ۽ ٻين عاشقن لاءِ محبت جو مثال ڇڏي ٿو :

ساڃي ري پريت پتنگ ڪهئي ري ،
جو آلت ڪر انگ ديت هي ،
ايڪ ديپڪ ڪيري ڪارڻي ،
ڪئي پتنگ جيو دي .

شاهہ سائين فرمائي ٿو، پتنگ روشنائيءَ جو ڪوڏيو آهي ۽ جيستائين منجهس پاڻ نہ جلائيندو. تيستائين آرام نہ ايندس، اي انسان جيڪڏهن تون پتنگ وانگر سچو عاشق سڏائين ٿو تہ معشوق جي نور ۾ پاڻ کي فنا ڪر .

پتنگن پهہ ڪيو ، سڙيا متي سچ ،
ٻسي لهس نہ لڇيا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا .

سٺيءَ جو مثال ڏيندي ٻيو انسان کي نصيحت ٿو ڪري تہ اگر توکي سچائيءَ جي رستي تي هلڻو آهي تہ ائين هل، جيئن سئي ڪپڙي مان لنگهي ٿي .

مت ڪيري ڀاوڙنئين،
ويران ڀانئي رايون چلورئي،
جيون سٺي ڪپڙي راڳا.

شاهه سائين وري سٺيءَ جو مثال ڏيئي فرمائي ٿو ته سٺي انسان جا عيب ڍڪي ٿي، پر پاڻ سدائين اگهاڙي ٿي رهي ٿي، اي انسان تون به ائين ئي جاڻ رک.

ڀاڄاهي نه، ڀاڙبان، سرتيون سٺيءَ سان،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر چاڀي جاڻ، ابر جي اوصاف کي،

پير فرمائي ٿو ته اي انسان تون غافل نه ٿي، هروقت هوشيار رهه، ائين نه ٿئي جو وقت اچڻ تي پڇتائڻو پوي.

ٽانگي مٿي ترهو ٽاڏي تو نه ٻڌو،
جڏين ني لهرين لوڙيو، تڏهن ٿو سنڀارئين.

شاهه سائين به فرمائي ٿو ته ٽانگهي پاڻي ۾ ئي ساڻ ترهو کڻ چو ته اونهي ۾ پيو ڪو به آٿي نه ڏينده.

ٽانگهي ۾ ٽاٿي، ٻڌ پنهنجو تُرهو،
اونهي ۾ آٿي، ڪونه ڏينده ڪو پيو.

مطلب ته جڏهن ڳولا ڪرڻ وارا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪن ٿا، تڏهن ڪين ان ۾ ڪاميابي ٿئي ٿي. اهي راهه جي ور وڪڙن کان واقف ٿي اڳتي وڌن ٿا ته مولا جي مهر سان منزل ماڻين ٿا. اهوئي ٻنهي جي ڪلام جو مقصد آهي.

# ٻاراڻا ڳجهارت ڳجهڙي

ڳجهارت اسين ننڍي لاکون ٻڌندا اچون . ڏيندا ۽ پڇندا اچون. ڳجهارت ڪي ڳولڻ ، ڏڪ هڻڻ، يا ان کي پڇڻ ڪانپوءِ واري خوشي ماڻڻ جي اعا هور اسان کي ننڍي هوندي کان آهي. ٻاراڻيءَ وهيءَ جون اهي ڳجهارتون يقينن سادبون هونديون آهن ؛ ۽ انهن کي پڇڻ / سمجهڻ ڪرڻ ۾ ذاهپ کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. ائين ڳوليها ڦوليها، تجسس ، جستجو ۽ جاکوڙ جي مٺي اسان کي ننڍي هوندي کان سري ٿي. اسان جي وڏڙن نه رڳو ٻارڙن جي وندر ۽ ورونهن لاءِ ۽ ڪين رڌل رکڻ لاءِ ڳجهارت جي وٽ ايجاد/تخليق ڪئي ، بلڪ منجهن ڳولا ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۽ سڀيتا جي ڄاڻ جو مادو پڻ پيدا ڪيو. ائين وڏڙن جون ناهيل ٻاراڻيون ڳجهارتون ٻڌي ۽ پڇي خود ٻارڙن ۾ به ڳجهارتن جوڙڻ جي چوس پئي.

جيستائين ”ڳجهارت“ لفظ جو تعلق آهي ، ته ان جي اصليت لاءِ مختلف رايا آهن — مخدوم محمد زمان طالب المولي پنهنجي هڪ مضمون ”سنڌي سلوڪ ۾ ڳجهارت“ ۾ هيءَ راهه ڏني آهي :

”ڳجهارت جو لفظ هنديءَ کان آيو آهي“ (١)

ساڳئي مضمون ۾ اڳتي لکيل آهي ته :

”اصل لفظ ’ٻجهارت‘ يا ’ٻجهول‘ آهي يعني رازيا لفظي پردن ۾ لڪايل حقيقت.“ (٢)

"جيئي نتو سگهجي تہ موجوده سناءَ واري ڳجهارت
ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آئي، مگر غالباً ان جي
ابتدا مخفي سنيهي يا پيغام سان ٿي." (٨)

انهن مخفي سنيهن ۽ پيغامن جا ڊاڪٽر صاحب ٻہ پهلو ڄاڻايا آهن:

(١) نينهن (٢) سماجي ۽ سياسي

۽ اهي ٻئي پهلو ايترا ئي قديم آهن، جيترو هن ڌرتيءَ تي خود انسان. ان ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو، تہ ڳجهارت جون پاڙون بہ پراڻين لوڪ-اتهاس ۾ کتل آهن ۽ ڊاڪٽر بلوچ پاڻ بہ چيو آهي تہ:

"انهيءَ لحاظ کان هن فن جي تاريخ ۾ هڪ حد تائين
محبت ۽ مجاز جي تاريخ سان وابستہ آهي،
جا ڪافي جهوني پراڻي آهي." (٩)

ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحب ان فن جو ابتدائي زمانو سومرن جو دور ٿو ڄاڻائي:

"سنڌ ۾ رومانن ۽ افسانن جي عروج وارو دؤر
سومرن جو آهي، جنهنڪري هن فن جي تاريخ
جي ابتدا جو دؤر بہ اهوئي سمجهڻ کپي." (١٠)

دراصل، سومرن جو دؤر ڳجهارت جي فن جو "ابتدائي تاريخي دؤر" نہ، بلڪ ان فن جي "تاريخي عروج" جو دؤر آهي ۽ ان جي مکيہ ثابتي خود "ڳجهارت" جو گهاڙيٽو (form) آهي جيڪو چند تي آڌارڪ آهي ۽ قديم آهي. مخدوم صاحب اهو بلڪل صحيح چيو آهي تہ:

"سنڌيءَ ۾ بہ ڳجهارت قديم شاعريءَ جو هڪ قسم آهي." (١١)

"بيت جو فن دوهي ۽ سورٺي مان نڪتل آهي". (١٣)
دوهي ۽ سورٺي جا سنڌيءَ ۾ مروج ڳاڙيتا هن ريت آهن :

## ٻه - سٽو بيت

(١)

——— ، ——— قافيو ،
——— ، ——— قافيو . (دوها فارم)

(٢)

——— قافيو ، ——— ،
——— قافيو ، ——— .

(٣)

——— ، — - — قافيو ،
——— قافيو ، ———

(٤)

— — قافيو ، — — — ،
——— ، — قافيو .

## ٽه - سٽو بيت

(١)

——— ، ——— قافيو ،
——— ، ——— قافيو ،
——— قافيو ، — — — .

(٢)

——— قافيو ، ——— ،
——— ، ——— قافيو ،
——— قافيو ، ——— ،

عشقي صاحب پڻ ان ڏس ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”قافيو دوهي جي پيروي ۾ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ...
يا سورٺي جي نموني سٽ جي وچ ۾ آڻڻ لازمي آهي“. (١٤)

عشقي صاحب جي انهيءَ راهه جي روشنيءَ ۾ اسين جڏهن ”ڳجهارت“ جي گهاڙيٽي تي ويچاريندا سين ته ڳجهارت جو گهاڙيٽو به انهن ئي نمونن جو آهي، جنهنڪري اسين چئي سگهون ٿا ته:

”ڳجهارت جو فن به دوهي – سورٺي مان نڪتل
آهي“. (١٥)

سنڌ جي لوڪ-ساهت ۾ ڳجهارت جو پد گهڻو اوچو آهي. مخدوم صاحب پنهنجي مضمون ”سنڌي سلوڪ ۽ ڳجهارت“ جي شروعات ئي ان سٽ سان ڪئي آهي:

”ڳجهارت سنڌي سلوڪ ۾ هڪ اعليٰ چيز آهي.“(١٦)

اهڙي ”اعليٰ چيز“ جو جيڪڏهن اهو قدر نه ٿيو، جنهن جي اها حقدار هئي، ته اهو ويل اسان جي سموري ساهت ۽ ڪلا سان وهيو آهي. ان جو مکيه ڪارڻ اسان جو ڏکري ياڦتو اهو چٽ آهي، جيڪو پڙهيو ته آهي؛ پر ڪڙهيو نه آهي (پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾! شاهه لطيف): جنهن پنهنجي اعليٰ روايتن ۽ قدرن کي تياڳ ڏيئي ڇڏيو آهي. ڳجهارت جي جوڙ، اوسر ۽ ڦهلاءُ ۾ انهن ماڻهن هٿان ٿيو آهي، جيڪي ڏکري ياڦتا نه هئا. جيئن ١٨٨٨ع ۾ ڪوڙومل چندن مل کلناڻي پنهنجي ڇپايل ”سنڌي ڳجهارتن جو ڪتاب“ ۾ لکيو آهي ته:

”مون ڀانئيو ته ڏنو ته جي ماڻهو اڻ پڙهيل ۽ دهقاني سڏجن ٿا، سي ڪئن پنهنجو عقل ويڙهائين ۽ خيال

۾ يعني ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾ ١١ ماترائون آهن ۽ ائين هر سٽ ۾ ماترائن جو جوڙ ٢٢ ٿئي ٿو، جيڪو دوهي جو معياري بحر ليکيو وڃي ٿو. هيٺين ڪِجهارت دوهو-سورٺو ميل ڪِجهارت جو انوکو مثال آهي.

ميليون ٻيتم جن سان، ڪڙو تن ٻيان،
تهان ٻوء ٿيان، نالو تنهن نار نانءُ جو.

ٻاوا: مليون = مصريون؛ ڪڙو = زهر؛ نالو = مجنون، نار نانءُ = ليليٰ.

ٻجڻي: مصريون ٻيتم جن سان، زهر تن ٻيان،
تهان ٻوء ٿيان، مجنون تنهن ليليٰ جو.

ان ۾ - سٽي ڪِجهارت جو ڪهاڙيتو ٻه اهو ئي آهي. جيڪو عشقي صاحب ۾ - سٽي - دوهي - سورٺي ميل واري بيت جو ٻڌائي ٿو، يعني:

——————، —————— ٻيان،
—————— ٿيان، ——————.

ان ڪِجهارت ۾ ٻه چار چرڻ آهن. قافيو "ٻيان" ٻهرين سٽ جي ٻڇاڙي ۾ (ٻئي چرڻ ۾) ۽ ٻي سٽ جي وچ ۾ (ٽئين چرڻ ۾) اچي ٿو. ٻهرئين چرڻ ۾ ١٣ ۽ ٻئي چرڻ ۾ ٩ ماترائون آهن. جڏهن ته ٻئي سٽ جي ٻهرين چرڻ ۾ ٩ ماترائون ۽ ٻئي ۾ ١٣ ماترائون آهن ۽ هر سٽ ۾ ماترائن جو جوڙ ٢٢ ٿئي ٿو.

ڪِجهارت جي ايجاد / تخليق جي ڏس ۾ مخدوم صاحب هڪ نهايت اهم ڳالهه ڪئي آهي:

"سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ڪِجهارت جنهن اول ايجاد ڪئي آهي، انهيءَ مخفي پيغام ڏيڻ جو هڪ نمونو ايجاد

ذڪر ملي ٿو. ”ڇليون ڇاڙ“ ۾ سنڌي طرز جي جنگين جو قديم اصطلاح آهي. ان ڳجهارت کي اسين ’سورٺا - ڳجهارت‘ چئي سگهون ٿا. ڳجهارت ۾ ٻه چرڻ آهن. ٻهرئين چرڻ ۾ ١١ ماترائون ۽ ٻئي چرڻ ۾ ١٣ ماترائون آهن؛ سٽ ۾ ماترائن جو جوڙ ٢٤ ٿئي ٿو. سورٺي لاءِ ”ڇند“ جو اهو معياري بحر آهي. ساڳئي موضوع سان لاڳاپيل هڪ ٻي ڳجهارت:

”نار نڪتي شهر مان، ٻوڪ جي ڪندي وئي،
نرناڻ ڳڏيس ڪونڪو، تڏهن وجي ڪيڙي جي ٻئي.“

ٻاوا: نار=ٻاڪهي، شهر=وڳهہ؛ ٻوڪ جي = موڪ (موڪلائيندي)
نرناڻ = دودو؛ ڪيڙي جي = سام .

يعني:

”ٻاڪهي نڪتي وڳهہ مان، موڪلائيندي وئي،
دودو ڳڏيس ڪونہ ڪو، تڏهن وجي سام ٿئي.“ (٢٤)

جنگ ۾ جڏهن سنڌي سورما سر ڏئي سرها ٿيا، ڪن ڳجهارت ۾، ان ڪان پوءِ جو ڇيٽ چٽيل آهي. ”سام پوڻ“ واري اعليٰ روايت جو ذڪر ڪيل آهي. اها ”دوهو-ڳجهارت“ جي گهاڙيٽي ۾ جڙيل آهي. هر سٽ جي ٻهرئين ۽ ٻئي چرڻ ۾ ١٣-١٣ ماترائون ۽ هر سٽ ۾ ماترائن جو جوڙ ٢٦ ٿئي ٿو. هيٺين ڳجهارت ۾ دوهي جي سٽاءُ واري آهي:

”ڪيڙو ڏيرن من ۾، ڪيڙو ڏير نہ ڪَن.“

’ڏيرن‘ لفظ مان ئي ظاهر آهي، تہ ’ڳجهارت‘ سِرَ سستي پنهونءَ مان آهي:

ٻاوا: ڪيڙو = آٻت (آڻتي)؛ ڪيڙو = سُٻت (سبتي).

"سکِڙن وڏيڪ معنوي نزاڪت پيدا ڪرڻ خاطر اکڙي
وک وڌائي، ۽ بيت جي ڳجهارت سٽي." (٢٧)

هيٺين ڳجهارت بيت جي سناءُ واري آهي ۽ ڏوهيڙو- ڳجهارت
جو هڪ سهڻو مثال آهي:

"پنڌ ذاتين جا پڌرا، جتي پوک پکيءَ جو پڙون
هن ۾ نالا ڪوڙيا، بيٺا راوت رڙون،
جي عضوي عورت جي پڙون، تن جو نرنانءُ مس ٿئي."

ڀاوا: پنڌ = ڳام، ذات = ڳجر؛ پوک = لڙي (لڙيون)؛
پکي = باشو (باشا)، نالو = ڪيمو (ڪيما)؛ نالو =
راوت؛ عورت = مومل؛ عضوو = منهن؛ نرنانءُ = موٽڻ:

پڄڻي:

"ڳام ڳجر جا پڌرا، جتي لڙيو باشا پڙون؛
هن ۾ ڪيما ڪوڙيا، بيٺا راوت رڙون؛
جي منهن مومل جي پڙون، تن جو موٽڻ نه ٿئي." (٢٨)

ان بيت- ڳجهارت جي آخري سٽ لطيف سائينءَ وٽ هيٺن
ٽي آئي آهي:

"جو منهن مومل جي ڏٺو، موٽڻ ته مس ٿئي." (٢٩)

"ڳجهارت" جي صنف سنڌي ادب جو املهه خزانو آهي.
جيئن مخدوم صاحب چيو آهي:

"بهرحال ڳجهارت کي سنڌي ادب جي جان ڪٺي
چئجي ته به منهنجي خيال موجب بيجا نه ٿيندي." (٣٠)

ته پوءِ انهيءَ سنڌي ادب جي "جان" جي سانڍ ۽ سنڀال جو
فرض به اسان سڀني تي لاڳو ٿئي ٿو؛ ان ڪري انفرادي توڙي
اجتماعي سطح تي ڳجهارت جي فن تي ڪوجنا لاءِ ڪوڙ پهلو ۽

موضوع ملي سگهن ٿا، پران لاءِ لازمي آهي، تہ سنڌي ادب جي هن منفرد عوامي صنف کي ڪچهرين ۽ ڪانفرنسن، اوطاقن ۽ اوتارن، هر سطح تي متعارف ڪرايو وڃي ۽ ڳجهارت کي محفوظ ڪندڙ سگهڙ سياڻن کي آهو مان ڏنو وڃي، جيڪو هو لهڻن ٿا. اسان جي سنڌي ماڻهن جو اهو وڏو تعداد جيڪو ڪتاب پڙهڻ چاڻي ٿي ڪونہ اهو ئي سنڌي ادب جي انهن زباني روايتن جو امين آهي ۽ انهن کي صدين کان سانڍيندو ۽ سنڀاليندو اچي. ۽ اسان جي اڄ انهي جي سار نہ لڌي تہ سياڻي گهڻي ديرٿي چڪي هوندي.

## حوالا


(۱) مخدوم محمد زمان طالب المولي. ”سنڌي سلوڪ ۾ ڳجهارت“ نئين زندگي ص ۵ اپريل ۱۹۵۱

(۲) مخدوم محمد زمان طالب المولي ”سنڌي سلوڪ ۾ ڳجارت“ نئين زندگي ص ۵ اپريل ۱۹۵۱

(۳) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ”ڳجهارتون“ سنڌي ادبي بورڊ ص ۲ ۽ ۳

(۴) ايضاً ص ۳

(۵) ايضاً ص ۲

(۶) A dictionary of Urdu classical Hindi and English John T. Platts p: 35 Oxford University Press, 1974.

(۷) عبدالڪريم سنديلو. وينجهار، ص ۱، آر-ايچ - احمد ائنڊ برادرس حيدرآباد سنڌ ۱۹۵۵

(۸) ڳجهارتون ص ۳

(۹ - ۱۰) ڳجهارتون ص ۳

(۱۱) نئين زندگي اپريل ۱۹۵۱، ص ۵

(۱۲) ايضاً ص ۵

(١٣) الياس عشقي. مهراڻ - ٣ ص ٨١ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٨٨
(١٤) ايضاً ص ٨٣
(١٥) نئين زندگي اپريل ١٩٥١ ص ٥
(١٦) ايضاً ص ٥
(١٧) ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي. سنڌي ڳجهارتن جو ڪتاب ص ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي، ١٨٨٨
(١٨) نئين زندگي اپريل ١٩٥١ ص ٥
(١٩) ڳجهارتون "مقدمو" جو فوٽ نوٽ ص ٣
(٢٠) ٽي - وي انٽرويو ١٩٨٩ - ١ - ٥ ٽي نياپڪاسٽ ٿيل.
(٢١) ڳجهارتون متن ص ٢٨٤
(٢٢) ايضاً ص ٥
(٢٣) ايضاً ص ٨٥
(٢٤) ايضاً ص ٢٨٦
(٢٥) ايضاً ٣٦.
(٢٦) غلام علي الانا. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄام شورو ١٩٧٧
(٢٧) ڳجهارتون، مقدمو ص ٢٧
(٢٨) ڳجهارتون، متن ص ٦٥٢
(٢٩) شاهه جو رسالو، شاهواڻي ص ١٢٧
(٣٠) نئين زندگي اپريل ١٩٥١ ص ٥

قاسم ٻگهيو

# سنڌي ۽ سنڌي سماج جو اڀياس

فلسفي ۽ فڪر جي تاريخ ۾ هن وقت تائين فڪر جا ٻه اهم مدرسا ٻن ڳالهين تي زور ڏيندا رهيا آهن .

هڪ ڌر جو چوڻ آهي ته فن بذات خود منزل مقصود آهي ۽ ٻي ڌر جو اسرار آهي ته فن خود منزل ناهي، پر منزل تي رسڻ جو رستو آهي. انساني سماج جي تاريخ ٻي ڳالهه جي ڀڃيرائي تي ڪري. فيڊرڪ اينگلس جنهن تاريخ کي اُڀهريون پيرو سائنسي بنيادن تي پرکيو ۽ تاريخ جي مادي محرڪن کي ڇٽو ڪيو ، ان پنهنجي اهم ڪتاب ”ڪٽنب، رياست ۽ ذاتي ملڪيت“ ۾ ان ڳالهه تي ڀرپور بحث ڪيو آهي ته ”اڄوڪي ثقافت ۽ موجوده فن جون جڙون انسان جي فهم ۽ فڪر جي ارتقائي شعور ۾ ڪتل آهن“.(۱)

مثال طور اڄ مصوري يا سنگتراشي فن جي اعليٰ شڪل آهي، جڏهن ته شروع ۾ جيڪي مجسما مورتيون ناهيون وينديون هيون ، انهن ۾ ديون ۽ ديوتائن جو تصور هيو ، انسان ذات انهن آڏو جهڪندا هئا، انهن کان ڊڄندا هيا يا ڳالهه کي وڌيڪ صاف ائين ڪجي ته انسان قدرتي آفتن جي تصورن کي مادي شڪل ڏيئي انهن جي آڏو ليلائڻ شروع ڪيو . اڄ تائين ديومالائي ڪتابن ۾ باهه جي ديوي، مينهن جي ديوي، بيماري جي ديوي يا طوفانن جي ديوي وغيره جو مڪمل تفصيل ملي ٿو .

ساڳي طرح سان اوائلي دور ۾ جنهن نموني سان شڪار ڪندا هئا ۽ ٽولا ٽولا گڏجي هڪ خاص انداز سان قدم کڻندي شڪار جو گهيرو ڪندا هئا ۽ ان اڳتي وڃي موجوده رقص جي شڪل ورتي.

ساڳي نموني شاعريءَ جو فن انهن قديم روايتن جو ورثو آهي، جڏهن انسان ديوتائن يا اڻ ڏٺل ۽ اڻ سمجهيل فطري قوتن کي خوبصورت اظهار سان مهربان بڻائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هيا. سڀ کان آڳاٽا شعر ديوين ۽ ديوتائن جي شان ۾ چيل آهن ۽ اڳتي وڌي جيئن جيئن انساني شعور ۽ ترقي ڪئي تيئن تيئن نه فقط شاعري جي فن پنهنجي گهاڙيٽي ۾ ترقي ڪئي پر ان سان گڏوگڏ ان فن جا مخاطب تيندڙ پاسا ۽ رخ به تبديل ٿيندا ويا.

جيڪي جيڪي شيون يا ماڻهو شاعرن لاءِ محبوب يا عزت ۽ احترم لائق ٿي پيون، شاعرن ان جي لاءِ پنهنجي شاعري کي استعمال ڪيو ان لحاظ کان فڪر جي ٻي مدرسي جنهن جو متو ”فن براءِ زندگي“ آهي، انهن تاريخ جي ڪورٽ ۾ پنهنجو ڪيس کٽي ورتو آهي. شاعري انساني ڳالهائڻ جو سڀ کان سگهارو ۽ طاقتور انداز آهي.

شاعر پنهنجي مزاج ۾ سماج جي ٻين ماڻهن جي بنسبت حساس ٿو ٿئي، هو نه فقط جمالياتي رخ ۾ ڏسي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ سماج اندر جيڪي به ظلم يا انساني بي انصافيون ۽ نا برابريون ڏسي ٿو هو هنن تي ٻوري سگهه سان وار ڪري ٿو.

شاعريءَ جي وجد واري ڪيفيت کان انڪار نه ٿو ڪجي پر ان کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته شاعريءَ جون پاڙون ۽ بنيادي فڪر ڌرتي تي بيٺل آهن. هي اهو ڪاڪ محل آهي جيڪو

شعور ۽ آدرش جي بنياد تي ڪڙو آهي. شاعري آسمان ۾ آواره بادل ناهي ۾ ذرتيءَ جي ازلي ۽ ابدي پڪار آهي.

ان ڪري دنيا جي عظيم شاعرن جي شاعريءَ ۾ نه فقط سندن سماج جي ڀرپور تصوير ڪشي هوندي آهي پر ان سان گڏوگڏ هو ماهر جراحن وانگر سماجي ناسورن کي وڍيندا ۽ ڪٽيندا رهن ٿا.

شاعر هميشه طاقت جي سرچشمي يعني پنهنجي عوام سان مخاطب ٿيندو رهي ٿو ۽ منجهيل ڳالهين کي سولو ۽ سمجهه ڀريو ڪري ٿو ڇو ته عظيم شاعر سماج جا جينيس ماڻهو هوندا آهن . ان ڪري جينيس ماڻهن جي ٻين تشريحن سان گڏوگڏ هڪ تشريح اها ۾ آهي جو هو ڏکين ڳالهين کي سولو ۽ عام فهم بڻائي سگهندا آهن.

اهڙي حالت ۾ ڪنهن شاعر سان ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ناانصافي ٿيندي، زيادتي ۽ ظلم ٿيندو، جو سندس ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن مترجم يا شارح جي سهاري لاءِ مجبور ٿيڻو پوي . درحقيقت هر ٻوليءَ جو شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن لاءِ ئي شاعري ڪري ٿو، جيڪڏهن ان ۾ ڪي فڪر ۽ فلسفي جا نڪتا بيان ڪري ٿو ته، ان اميد سان ته سندس پڙهندڙ ٻڌندڙ ايترو باشعور ضرور آهي جو سندس ڳالهه کي ائين ئي سمجهي جيئن هو سمجهائڻ گهري ٿو.

۾ روايتن مطابق اسان جي قومي ۽ مڃيادار فنڪار شاعر شاهه لطيف کان علاوه سچل کي به اهو پتو رهيو ته ڪٿي ماڻهو يعني عام ماڻهو سندس شاعري کي غلط سمجهن، راهه ۾ رلجي نه وڃن، تنهنڪري شاهه سائين پنهنجو ڪلام ڪراڙ ڍنڍ جي حوالي ڪيو، جڏهن ته سچل پنهنجي ڪلام جو وڏو حصو ضايع ڪرائي ڇڏيو.

ساڳي عوام جي طرفان شاعريءَ کي نه سمجهڻ واري شڪايت هن دور جي عظيم شاعر شيخ اياز کي به آهي، جنهن جو اظهار هيئن ريت ڪري ٿو، پر ڪلام ضايع نه ٿو ڪري:

"مان اهو ٻڌهي
ته، پتانيءَ
ٻنهنجو پورو ڪلام
پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو
ته متان عوام ان کي سمجهي نه سگهي،
هن کي چٽي رهيو آهيان.
منهنجا مرشد
ٻنهنجي هن گستاخ مريد جي
همت ته ڏس
همت ته ڏس."

بهرحال ان جي باوجود ٻنهي قادرالڪلام شاعرن جو ڪيترو ئي ڪلام ماڻهن ۾ موجود آهي، شارح تشريحون ڪندا رهن ٿا، جڏهن ته عام ماڻهو انهيءَ ڪلام مان حَظُ حاصل ڪندا، هيئين سان هنڊائيندا ۽ معنيٰ جا موتي ٻائيندا رهن ٿا بغير انهيءَ فڪر جي ته هن جي ظاهري ۽ پوشيده معنيٰ ڪهڙي آهي.

سنڌ جي وڏي معتبر محقق ۽ عوام ۾ تاريخ جي سمجهه ۽ مطالعي جو شعور پيدا ڪندڙ عالم، پير حسام الدين راشدي، هڪ تقرير ۾ افسوس ظاهر ڪندي فرمايو هو ته "سچل کي ڪو گرهخشاني ملي نه سگهيو آهي." (٣) ١٩٦٥ع ۾ هن ئي موقعي تي سنڌيءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز تقرير ڪندي چيو هو ته "سچل سائين ۽

پڻ ڏٺيءَ جي ڪلام تي اڃا تائين ڪوئي معياري، تنقيدي ڪتاب نہ لکيو ويو آهي ، جو ڪجهہ لکيو ويو آهي، سو يا تہ، ڏند ڪٿائن جو ڍير آهي يا ڪنهن پراڻي آوڏوهي ڪاڏل تصوريت جو منڊ ہنا ماندائڻ آهي . فن جو جمالياتي، نفسياتي معاشياتي ۽ ادبي تجزيو اڃا سنڌ جي ڪنهن نقاد نہ ڪيو آهي" (٢) . اهو نڪتو سوچ ويچار ڪرڻ جهڙو آهي تہ ڇا هر شاعر ڪي سمجهڻ لاءِ مورخ محقق ۽ نقاد جو ، ڪنهن گربخشاڻي ۽ ڪنهن ابراهيم جويي جو انتظار ڪرڻو پوندو ، يا تاريخ ۽ سماج جي مطالعي ۽ اڀياس يا واقعاتي تاريخ جي روشنيءَ ۾ ازخود پنهنجن شاعرن ۽ فيلسوفن کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي. ان لاءِ ضروري آهي تہ سماجي علمن ۽ تاريخي واقعن سان تاريخي شعور ماڻڻ لاءِ مطالعي جو ذوق عام ماڻهوءَ ۾ پيدا ٿئي جيئن هو پاڻ ئي سمجهڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جو ادراڪ ماڻي سگهي.

اهائي ڳالهہ نظر ۾ رکندي، هتي مون نماڻي ڪوشش ڪئي آهي تہ سچل جي شاعريءَ کي سنڌس دور جي سماج جي اڀياس جي پس منظر ۾ ڏسجي تہ ڪي معنيٰ جا نوان موتي ۽ فڪر جي نئين ڦرهي پڙهڻ لاءِ ميسر ٿئي. جنهن سان عالم اديب توڙي طالب ۽ عام ماڻهو کي ڪجهہ لاڀ پوي:

عيسوي سن جي حساب سان سچل سنڌ جي تاريخ ۾ ١٧٣٩ع کان ١٨٢٧ع تائين مادي طرح موجود رهيو علم، ڏاهپ، فن ۽ فڪر جي دنيا ۾ جتي ان وقت وڏا وڏا مڪتب (Schools of Thoughts) ڪم ڪري رهيا هئا، اتي سنڌس ئي سرزمين تي ڪانئس ٿورو اڳ شاعري، فن، فلسفي ۽ فڪر جي ميدان ۾ مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف

سنڌ جي شاعرن سنڌي سماج ۾ پيهي وڃي، اندر گهڙي ان جو حصو بڻجي، پنهنجي ماڻهن کي جيڪا ڳنڍيل پلائي، رواداري محبت ۽ اتحاد جي راه ڏيکاري آهي، سچل انهن ۾ سينئي ڪان چڙو ۽ اڳرو آهي. سچل جنهن خود دار، سچي، سگهاري ۽ باعزت سماج جو ڏس ڏني ٿو، ان تي عمل ڪري اسان جو سماج وسيع انساني برادريء ۾ پنهنجي مخصوص تهذيب جي حفاظت ۽ بهتري جي اعليٰ فرض ڀونواري ۾ ڪري سگهي ٿو.

## ”حوالا“


A ngles, Fedric "Family, State, Personal Property." Progress Publishars Moscow 1956.

٢- شيخ اياز ”پتڻ تو پور ڪري،“سمبارا پبليڪيشن ڪراچي؛١٩٨٢ع ص - ٢٠

٣- تنوير عباسي، مرتب سرمست١ - ١٩٨١ع، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور ص ٣٠

٤- شيخ اياز، خط، انٽرويو، تقريرون، نيو فيلڊس پبليڪشن حيدرآباد ١٩٨٧ع، ص- ٢٢٤

٥- محمد ابراهيم جويو، شاهه، سچل، سامي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد ١٩٧٨ع، ص ٣٩ - ٣٠

٦- ڪلياڻ آڏواڻي، سچل بمبئي ١٩٥٤ع ص- ١٠

٧- عثمان علي انصاري، مرتب، رسالو سچل سرمست (مثالن لاءِ شعر ورتا ويا)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، ١٩٧٨ع.

ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

# شاهه جي ڪلام ۾ جبلن ماءِ

الله تبارڪ تعاليٰ ڪُنۡ فيڪون چيو! معني: ٿي پؤ! ۽ ڪائنات وجود ۾ اچي ويئي. انهي هڪ لفظ چوڻ ۾ چهه، نوري راتيون ۽ ڇهه، نوري ڏينهن لڳا. الله پنهنجي نور جي هڪ ذري مان ڪائنات جوڙي ۽ انسان کي وجود ۾ آندو. زمين کي انسان لاءِ وڇاڻو بنايائين ڌرتيءَ کي زرخيز ڪري منجهس انسان جي ضرورت ۽ خوشين خاطر، طرح طرح جا گل ڦل ميوه اپايائين. جبل، نديون، آبشار ۽ گوناگون نظارا وجود ۾ آندائين ته جيئن سندس تخليق "انسان" هر طرح سان خوش رهي. پوءِ اهو انسان حياتيءَ جا مختلف مرحلا طئي ڪرڻ لڳو، ڪڏهن سج کان ڏڄي اُن کي خدا مڃيائين ته ڪڏهن جانورن کي ته ڪڏهين باه کي يعني انسان جنهن شيءَ کي طاقتور سمجهيو ان کي خدا ڄاتائين پر جڏهن انهن طاقتور شين کي به فنا جي منزل ۾ ڏٺائين ته سندس اندر ۾ اِلقا ٿيو ته نه! فنا ٿيندڙ شيءِ خدا ٿي نٿي سگهي- ۽ هو الله جي ڳولا ۾ گمراه ٿي ويو.

الله تعاليٰ کي وسوڙيل انسان تي رحم آيو ۽ هن بني نوع انسان جي ڀلائي لاءِ رهنماءَ زمين تي لاٿا جن کي انبياءِ اِڪرام سڏيو وڃي ٿو. انبياءِ اڪرام انسان کي ضابطہ حيات سيکارڻ لڳا ۽ الله لا شريڪ جي عبادت لاءِ چوندا رهيا ۽ انسانن کي زندگيءَ جو قرينو سيکاريندا رهيا، پر انسان جيڪي ازل کان عقل ۽ جهل جي

ٻنيءَ ۾ جلندا رهيا آهن، جن جو عقيدو ڪڏهن پٿر ته ڪڏهن باه ته ڪڏهن سج ته ڪڏهن آسمان! سي هميشه کان سوال ڪندا رهيا ۽ اڄا تائين سوال ڪندا اچن! شايد قيامت تائين اهو سوال ڪندا رهن ها ته حقيقت ڇا آهي؟ آخر الله تعاليٰ آخري نبي حضرت محمد صلعم جن کي ختم نبوت ڪري لاٿو، ۽ ڪل اسرار الاهي مٿس تمام ڪيائين. آخري نبي انسان ذات کي تمام رموز الاهي سمجهايا. انسان انهن رازن کي سمجهڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ آخري نبيءَ جي امت مان اهي انسان جي دنيا توڙي عقبيٰ ۾ مٿاهان آهن، انهن ٿي حقيقت، شريعت، طريقت ۽ معرفت جي ٻني ۾ ٻري عقل، وجد، القا ۽ اِلهام جي ڪيفيت مان گذري بود مان نابود ٿي پنهنجي هستيءَ کي مٽائي انسان کي فنا جي منزل ۾ بقا جي منزل ڏيکاري، زندگي جي حقيقت ۽ مقصد کان آگاه ڪيو. حقوق الله کان حقوق‌العباد سمجهايو. زندگي ڇڱي نموني گذارڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي نمونو بنايو ۽ اهي عظيم انسان هئا جن ڪربلا ۾ پاڻ ڪهائي 'اصول' جو بنياد وڌو. انهن عظيم هستين جي تقليد ڪندي ڪو انسان سيوهڻ ۾ قلندر لعل ٿي چمڪيو ته ڪٿي شمس تبريز ٿي ڏيکاريو ته ڪٿي سچل سرمست ٿي انسانيت جو درس ڏنو، ته ڪٿي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٿي گهوٽ انسانيت جو آواز ٻنهي دنيا ۾ ٻڌجي ويو. شاهه عبداللطيف اهو لافاني آواز آهي جو ازل کان آهي. اهو آواز مظلوم انسانيت جو آهي جيڪو ظالم جي خلاف آهي، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي خلاف آهي. شاهه سائين هڪ عظيم شاعر انهيءَ ڪري ليکيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته سندس ڪلام ۾ انسان لاءِ بقا جو رستو موجود آهي. شاهه جو ڪلام هڪ مڪمل ضابطهِ حيات آهي.

”شاھ عبداللطيف ڀٽائي“ کي دنيا جي انهن عظيم شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو جن جو ڪلام هر لحاظ کان معياري ۽ مڪمل مڃيو ويو آهي. ڀٽائيءَ جي ڪلام جو هر بيت مڪمل ۽ حڪمت سان ڀريل نظر اچي ٿو. تنهن کان سواءِ سندس ڪلام جي اها به خصوصيت آهي ته ان کي جيترو پڙهبو اوترو وڌيڪ دلچسپ ۽ وڻندڙ پيو معلوم ٿيندو (١).“

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو ته: ”شاھ جو رسالو بيشڪ شاعريءَ آهي پر ڪرشمو به آهي، جنهن جي مقابلي ۾ سنڌ جي قديم توڙي جديد ڪنهن به شاعر ڪرشمو پيش ڪونه ڪيو آهي. سندس پيغام الهامي آهي (٢).“

”شاھ عبداللطيف انسانيت جو علمبردار غريبن جو غمگسار مسڪينن جو مدد گار، هارين جو همدرد ڏوکي، لطيف آڏو انساني حياتي جا اعليٰ قدر ۽ عظيم گڻ، جهڙوڪ سرويچپي ۽ سورهيائي مهمان نوازي ۽ ملنساري - ايمانداري ۽ عوام دوستي، غيرت وطن ۽ انسان سان ازلي عشق ۽ ٻيا اهڙا انيڪ اوصاف هئا جن کي پنهنجي ڪلام ذريعي انسان جي رهنمائي لاءِ پيش ڪيائين (٣).“

لطيف انسان جي ظاهري حسن کان حيران ٿيڻ بدران سندن باطني حسن آجاگر ڪرڻ کي ئي پنهنجو اصلي مقصد بنايو، ڇو جو آهو سندس پختو يقين هو ته انسان کي اهڙيءَ دربار ۾ هلڻو آهي ۽ حاظر حضور ٿيڻو آهي جتي باطني حسن کانسواءِ ٻيو ڪوبه رستو نه آهي مثال، بيت :-

”سونهن وڃايم سومرا ميرو منهن ٿيوم،
ڀڄڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهي حسن ري“.

ڏيکاريو ته عورت جو پريم عورت جي سموري هستي آهي. محبت جي ميدان ۾ عورت هڪ پيري قدم کنيو ته وري پٺتي نه هٽندي. دنيا جي اڪيچار آزمودن مان هن شاعر پرايو ته عورت جي دلي آٿاهه ساگر ۾ جي امنگ اڇلون مارينديا رهن ٿا، تن جو ذڪر شعر لاءِ جيڪر اوچو مضمون ٿئي. جنهن دنيا جو شاهه صاحب پنهنجين نظمي ڪهاڻين ۾ ذڪر ڪري ٿو، ان تي مرد کان وڌيڪ عورت غالب پيل آهي (٥).

## شاهه جي ڪلام ۾ جيجل ماءُ:

ماءُ پنهنجي معنيٰ ۾ هڪ مڪمل لفظ آهي سموري ڪائنات ۾ ان جو هڪڙو ئي روپ آهي. انسانن ۾ جانورن ۾ پکين ۾ ماءُ ماءُ جو مجسمو آهي. ماءُ زندگي آهي. حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن فرمايو آهي ته: ”ماءُ جي قدمن ۾ جنت آهي.“ غور ڪبو ته محسوس ٿيندو ته الله تعاليٰ جون ۽ ماءُ جون صفتون هڪجهڙيون آهن.

ماءُ اولاد پيدا ڪري ٿي يعني ”جنم“ ڏي ٿي ته الله پڻ پيدا ڪندڙ آهي. ماءُ اولاد سان محبت ڪري ٿي ته الله تبارڪ تعاليٰ پنهنجي بندي سان ستر مائن جيترو پيار ڪري ٿو. ماءُ پنهنجي اولاد کي سنئين راهه تي هلڻ جي هدايت ڪري ٿي ته الله پنهنجي بندي کي سنئين راهه تي هلڻ جو حڪم ڪري ٿو. بندو غمن ۽ ڏکن ۾ گهيرجي ٿو ته الله کان مدد گهري ٿو. اگر اولاد کي ڪو ڏک رسي ٿو ته جيجل ماءُ سان پنهنجو حال اوري ٿو ۽ پنهنجا سور ٻڌائي ٿو ڇاڪاڻ ته ماءُ ۽ الله لاشريڪ جيئان عيب ڍڪيندڙ آهي. ڄاڻو آهي، آٿت ڏيندڙ، سهارو ڏيندڙ، غم ونڊيندڙ محبت

جي ديوي آهي. اگر بندو سرڪش ٿئي ٿو ته الله ڪي ٿئي ٿو ۽ پنهنجي بندي کي صحيح دڳ تي آڻڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سزا ڏي ٿو ۽ پوءِ معاف ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو اولاد غلط راهه تي وڃي ٿو ته ماءُ به غمزده ٿئي ٿي ۽ کيس صحيح راهه تي آڻڻ لاءِ وس آهر سزا ڏي ٿي. ان مان ظاهر آهي ته ماءُ الله جو روپ آهي ۽ منجهس الله واريون ڪيتريون ئي صفتون موجود آهن قرآن پاڪ ۾ آيل آهي ته: "قيامت جي ڏينهن هر شخص کي ماءُ جي نالي سان پڪاريو ويندو." مطلب ته ماءُ جو درجو سموري ڪائنات ۾ سڀ کان مٿاهون آهي.

اها ئي عورت! جا ماءُ آهي، جيڪا نو مهنا پنهنجي پيٽ جي ورتن ۾ ٻار کي پالي سور سهي جنم ڏي ٿي، اوجاڳا ڪري پنهنجو آرام ڦٽائي کيس سانڍي وڏو ڪري ٿي.

اولاد کي سنواري سڌاري معاشري جو بهترين فرد بنائي ٿي پنهنجو سک چين اولاد تان قربان ڪري ٿي. هوءَ اولاد خاطر موت سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿي. اولاد جي خوشين خاطر هر وقت الله اڳيان جهول جهليو ويٺي رهي ٿي ۽ پالڻهار کان سدائين پنهنجي اولاد جي زندگيءَ ۽ ترقي لاءِ دعا گهرندي رهي ٿي. مطلب ته ماءُ جي هستي آڏو هر چيز هيچ آهي.

شاهه سائين پڻ ماءُ جي هستيءَ کان خوب واقف آهي. سندس ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه خود پنهنجي امڙ کان متاثر آهي تڏهين ته پنهنجي ڪلام ۾ هر هنڌ امڙ، جيجل، آيل، جيجل ماءُ، مادر، ماس، ماتا، جو منڙو لفظ بار بار استعمال ڪيو اٿس. هر درد جي داتهن جيجل ماءُ کي ڪٺي اٿس.

سُر ساموندي، ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

بيت :-

"وڻجارن وري پرھ پڳ چوڙنا،
آوليون پسي آن جيون، ھڙم ڳيھ ڳري،
ويندس ماءُ مري ساري سامونڊين کي. (٦)

معنيٰ: وڻجارن وري اسر جو پڳھ چوڙيا آھن. ھنن جون اوليون پسي، منھنجي جيءَ ۾ جھوري لڳي ويئي آھي. اي امڙ! مان سامونڊين کي ياد ڪندي سنڀاري مري ويندس.

ھن شعر ۾ عورت جو انتظار، اوسيئڙو، محبت ۽ سار جو ذڪر آھي. ھر اھو سارو درد عورت پنھنجي ماءُ سان سلي ٿي. ڪانڌ جي وڇوڙي جو سور پنھنجي امڙ سان ئي ڪري ٿي، انھيءَ ڪري تہ ماءُ تسلي ۽ آٿت ڏيندڙ آھي.

"سُر رپ" ۾ شاھ سائين انھيءَ جذبي کي ھيٺين ريت بيان ڪري ٿو.

بيت :-

گوندر گڏياس صحت نيڻڙم سڀئين،
مادر! مارياس قوڙائي پرين جي (٧)

معنيٰ :- مان غم سان ھڪ آھيان ۽ پرين منھنجي تندرستي کڻي ويا. اي جيجل! جانب جي جدائي مون کي ماري فنا ڪيو آھي.

ھن شعر ۾ پڻ جيجل ماءُ کي دانھن ڪيل آھي. چاڪاڻ تہ درد جي دانھن آھائي سمجھندي جنھن پيدا ڪيو آھي ۽ آھائي ھستي دردن ۾ اچي شامل ٿيندي.

"سر ڪيڏاري" ۾ ماءُ جي عظمت تي شاھ صاحب ھيٺين ريت فرمائي ٿو:-

بيت :-

كامل كربلا ۾ ، اهل بيت آئيا ،
ماري مصرين سين، تن كافر كنبايا ،
سچ ڪ بيبي جايا ، ههڙا سوره سهرين (٨)

معنيٰ :- حضرت پيغمبر صلعم جن جي گهر وارا ڪامل ڪربلا ۾ آيا مصر جي جوڙيل ترارين سان دشمنن جي مائهن کي ماري ڪافرن ڪي ڏهڪايائون- بيشڪ بيبي فاطمہ ههڙا پهلوان ڄايا .

جناب سيده بيبي فاطمہ زهره، حضور پرنور محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله، وسلم جن جي نياڻي هئي . جا جنت جي سردارن حضرت امام حسن عليه السلام ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي والده ماجده هئي. بيبي صاحبہ ڪي الله تعاليٰ جي طرفان ڪيترا ئي شرف حاصل آهن، جن مان ڪين ينهنجي اولاد جي ”حق“ تي شهادت ۽ ڪين تمام جهانن جي عورتن جي سردار هئڻ جو پڻ شرف حاصل آهي . سونهارو لطيف ڪربلا جي عظيم مجاهدن جي عظيم قربانيءَ تي انهن جي والده بيبي فاطمه سلام الله ڪي خراج تحسين پيش ڪندي چوي ٿو تہ: ”سچ ڪ، بيبي جايا، ههڙا سوره سهرين.“ ان عظيم والده تي شاهہ فخر ڪري ٿو ، ماءُ جي حيثيت ۾ سندن عظمت ڪي سلام ڪري ٿو ۽ انهن سوره سرويچين جي سورهيائي سرويچائي جو سبب ماءُ ڪي ڄاڻائي ٿو .

”سرڪيڏاري“ جي ٻي بيت ۾ شاهہ هن طرح فرمائي ٿو :-

بيت :-

ڏاڙهي رت ٽياس ، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن ،
چوڏهينءَ ماه چنڊ جئن ، ٻڙ ۾ ٻا ڳڙياس ،

اعزاز جي حقدار ماءُ ني آهي. ان مان شاهه سائين جي اها مراد آهي ته اولاد جي سورهيائي جو ڪارڻ ماءُ ني آهي ۽ ان جي سورهيائي جو اعزاز پڻ ماءُ کي ني حاصل آهي، يعني عظيم ماءُ ني آهي جا عظيم اولاد پيدا ڪري ٿي.

انهيءَ سر مان هڪ ٻيو بيت:

بيت: "ڪڪرا ڪربلا جا، مادر ٿي ميڙياس
ڦٽن تان رت ڦڙا علي ٿي اکهياس
مڙني معاف ڪياس خالق بدلي خون جي"

معنيٰ: سندس (امام حسين عليه‌السلام جن جي) ماءُ (بيبي فاطمه) سندس جسم تان ڪربلا جي ريتي ٻي اکهي حضرت عليءِ عليه‌السلام، "سندن والد سڳوري" سندس زخمن تان رت پئي اکهيو. سندس خون جي عوض خدا مڙني مومنن جا گناهه بخشي ڇڏيا.

هن بيت ۾ شاهه سائين امام جي شهادت جو نهايت دردناڪ منظر چٽيو، جنهن ۾ ماءُ جي صبر جي منزل ڏيکاري اٿس، يعني اها جيجل! جيڪا گود جي گرمي سان اولاد کي زندگي بخشي ٿي سا صبر جي امتحان ۾ به مٿاهين آهي. "سر ڪاموڙي" ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو:

بيت: مون سي ڏٺا ماءُ! جنين ڏٺو پرينءَ کي
رهي اڇي راتڙي، تن جنگن سندي جاهه
تنين جي ساڄاهه، ترهو ٿئي تار ۾ (١١)

معنيٰ: معني اي امڙ! مون اهي فقير ڏٺا. جن سپرين جو ديدار ڪيو آهي. انهن ڪاملن وٽ هڪ رات گهاري اچجي. انهن جي سڃاڻپ هن اونهي ساگر ۾ ترهي جو ڪم ٿي ڏي.

هن بيت ۾ شاهه صاحب خود پنهنجي اندر جو حال ماءُ سان اوري ٿو، ڇاڪاڻ ته ماءُ هڪ رازدار ۽ نيڪ صلاح ڏيندڙ، غم ونڊيندڙ هستي آهي.

"سر آبري" ۾ شاهه سائين سسئيءَ جي باري ۾ فرمائي ٿو سسئيءَ ۾ پنهنجي اندر جو حال ماءُ سان اوري ٿي ۽ هر ورلاپ ۾ ماءُ کي دانهن ڪري ٿي.

بيت : اڄ ملينديس ماءُ! ڏاچا ڪنديس ڪپڙا،
جيجان! جو ڳپاٿي ٿيان، مون ڪي جهلم ٻاهه
هوت پروچ لاءِ، ڪنين ڪنرهائيان (١٢)

معنيٰ :- اي امڙ! آڄ مان پنهنجا ڪپڙا صاف ڪري گيڙوءَ رتا ڪنديس اي جيجل! مان جوڳياڻي ٿيندس تون، مون کي نه جهل مان دلبر بلوچ لاءِ ڪنن ۾ سنياسين وارا ڪنڊل پائيندس.

ماءُ کي اولاد لاءِ فطري محبت آهي. هو چاهيندو آهي ته منهنجو اولاد هر طرح سان خوش رهي، تنهن ڪري وس آهر اولاد کي مصيبتن کان بچائڻ چاهيندو آهي. سسئيءَ جي ماءُ پڻ پنهنجي فطري محبت کان مجبور هئي. هن نٿي چاهيو ته سسئي هن کان پري ٿي ۽ ڪنهن مشڪل ۾ وڃي پوي تنهن ڪري هوءَ سسئيءَ کي روڪي ٿي، ڇاڪاڻ ته ماءُ بچاءُ ڪندڙ ۽ صحيح راه ڏسندڙ آهي.

سر ڪوهياريءَ ۾ شاهه سائين سسئيءَ جو ورلاپ هيئين ريت بڌائي ٿو.

بيت :- سٿي پون ڇرڪ، آيل! ٻاروچن جا،
دم وهائي، وو! ڙي! ڪوهياري ڪرڪ،
ڏڙ ڏوٿيون تنهن ڏڪ، جڏيءَ جيڻ نه ٿئي (١٣)

روپ ڏسي ڪيس پنهنجي ڪلام ۾ ڳايو آهي ۽ شاهه جو ڪلام
ايئن آهي جو پاڻ فرمائي ٿو ته:

”بيت م ڀانيون ماڻهوا، اي آيتون آهن،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.

## حوالا


(١) احمد خان ڪبريو: مضمون: نئين زندگي، ١٩٨٧ع، حيدرآباد،
ص ٢١.

(٢) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ
ص ٩١-٩٢.

(٣) غلام رسول بلوچ، ڊاڪٽر مضمون: نئين زندگي، ١٩٨٧ع،
ص ٧.

(٤) ايضاً: ص ٧-٨

(٥) نارائڻداس ڀمڀاڻي پروفيسر: ”شاهه جو سورميون“ اسحاقيه
پريس، ١٩٤٤ع، ص ٩ — ١٠

(٦) شاهه جو رسالو، مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي. اسحاقيه پرنٽنگ پريس،
١٩٥٨ع، ص ٣٦٢.

(٧) ”شاهه جو رسالو“ مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي، ١٩٥٨ع. ص ٣٦.

(٨) ايضاً ٣١٦.

(٩) شاهه جو رسالو، مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي.

(١٠) شاهه جو رسالو، مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي. اسحاقيه پرنٽنگ پريس،
ڪراچي، ١٩٥٨ع، ص ٣٢٣.

(١١) شاھ جو رسالو، مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي، اسحاقيه پرنٽنگ پريس، ١٩٥٨ع، ص ٢٧٠.
(١٢) شاھ جو رسالو، مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي.
(١٣) ايضاً: ص ١٣١.
(١٤) نانڪداس، پيپاڻي، شاھ جو سورمون، اسحاقيه پرنٽنگ پريس، ١٩٤٤ع، ص ٤٢، ٤٣.
(١٥) ايضاً: ص ٤٣.
(١٦) شاھ جو رسالو، مرتب ڪلياڻ آڏواڻي ص ٣٠٩.
(١٧) شاھ جو رسالو: مرتب ڪلياڻ آڏاڻي: ص ٤٠٥.
(١٨) شاھ جو رسالو، مرتب ڪلياڻ آڏواڻي، ص ٢٩٦.
(١٩) ايضاً: ص ٤٥١.

## پي ايڇ - ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست

### پي ايڇ - ڊي

١ - ليکڪ : غلام علي الانا .
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“
سال : ١٩٧١

٢ - ليکڪ : عبدالجبار جوڻيجو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر
سال : ١٩٧٣

٣ - ليکڪ : عبدالڪريم سنديلو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو“
سال : ١٩٧٣

٤ - ليکڪ : محمد صالح شاهه
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”رشيدالدين شاهه جو ڪلام“
سال : ١٩٧٣ .

٥ - ليکڪ : عبدالمجيد ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”بيان العارفين جي تدوين“
سال : ١٩٧٣

٦ - ليکڪ : الهداد ٻوهيو
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“
سال : ١٩٧٧

٧ ليکڪ : عبدالرحمان قريشي
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : ”سروري خاندان جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون“
سال : ١٩٧٧

٨ - ليکڪ : عطا محمد حامي
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”خيرپور ميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي سياسي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو“
سال : ١٩٧٧

٩ - ليکڪ : غلام حسين پٺاڻ
رهبر : اي - ايڇ جتوئي
عنوان : ”ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“
سال : ١٩٧٧

١٠ ليکڪ : سيد محمود شاه
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”مولانا تاج محمد امروٽيءَ جون ادبي خدمتون“
سال : ١٩٧٨

١١ - ليکڪ : عبدالخالق سومرو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”علي نواز علوي ۽ سندس شاعري“
سال : ١٩٧٨

١٢ - ليکڪ : عزيزالله ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”خيرپور جي ادبي تاريخ“
سال : ١٩٧٨

١٣ - ليکڪ : محمد جمن ٽالپر
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“
سال : ١٩٧٨

١٤ - ليکڪ : مرزا حبيب‌الله
رهبر : ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
عنوان : ”مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس“
سال : ١٩٧٨

١٥ - ليکڪ : درمحمد پناڻ
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”ڪراچي ضلع جو سنڌي علم ادب ۾ حصو“
سال : ١٩٧٩

١٦ - ليکڪ : سيد ممتاز حسين شاهه
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”سنڌ مدرسي جو سنڌي ادب ۾ حصو“
سال : ١٩٧٩

١٧ - ليکڪ : شمس‌الدين عُرساڻي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان : ”آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“
سال : ١٩٨٠
١٨ - ليکڪ : غلام حيدر پرڙو
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت“
سال : ١٩٨٠
١٩ - ليکڪ : اياز حسين قادري
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”سنڌي غزل جي ارتقا“
سال : ١٩٨٢
٢٠ - ليکڪ : عبدالجبار مغل
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم و ادب ۾ حصو“
سال : ١٩٨٢
٢١ - ليکڪ : شمس محسن عباسي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : ”حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت ۽ سندس علمي ۽ سياسي خدمتون“
سال : ١٩٨٣
٢٢ - ليکڪ : قمر جهان مرزا
رهبر : ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان : ”حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي ، ادبي ، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو“
سال : ١٩٨٣

٢٣ - ليکڪ : عزيزالرحمان ڀکهيو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي صحافت جي تاريخ"
سال : ١٩٨٣

٢٤ - ليکڪ : غلام رسول بلوچ
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : "سنڌي ڊراما جي هڪ صدي"
سال : ١٩٨٤

٢٥ - ليکڪ : عبدالغفور ميمڻ
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "اڻويهن صديءَ جا نثر نويس"
سال : ١٩٨٤

٢٦ - ليکڪ : حامد علي خانائي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "ساهتيءَ جا علمي مرڪز"
سال : ١٩٨٦

٢٧ - ليکڪ : شاهنواز سوڍر
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف"
سال : ١٩٨٨

٢٨ - ليکڪ : غلام نبي سڌايو
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان : " حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري "
سال : ١٩٨٩

٢٩ - ليکڪ : حسن بانو سومرو
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌي عورت جو مطالعو"
سال : ١٩٨٩

٣٠ - ليکڪ : خادم حسين قريشي
رهبر : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان : "سنڌي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو"
سال : ١٩٨٩

## ايم . فل

١ - ليکڪ : ميمڻ عبدالغفور
عنوان : نواز علي نياز جي شاعري
رهبر : ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
سال : ١٩٧٥ع

٢ - ليکڪ : ثريا سوز ڏيپلائي
عنوان : محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول نگاري
رهبر : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
سال : ١٩٨٨ع

٣ - ليکڪ : فيروزه سمون
عنوان : سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب
رهبر : ڊڪٽر درمحمد پٺاڻ
سال : ١٩٨٩ع

# خبر چار

(١) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو آڪٽوبر ١٩٨٨ع وارو مهينو برطانيه ۾ رهيو. برٽش لائبريري ۽ انڊيا آفيس لئبريريءَ ۾ اوڏهين صديءَ جي سنڌي نثر تي مواد گڏ ڪيائين. آڪسفورڊ ۽ ونڊسر کان سواءِ لنڊن جا به ڪيترا ئي تاريخي ۽ ثقافتي ادارا ڏٺائين.

(٢) هن شعبي جو اسسٽنٽ پروفيسر جناب هدايت آخوند، لنڊن يونيورسٽي مان ايم - اي (لسانيات) جو ڪورس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ١٧ آڪٽوبر ١٩٨٩ع تي واپس پهتو.

(٣) سنڌي شعبي جو سينئر پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر رهڻ کان پوءِ پنجين سيپٽمبر ١٩٨٩ع تي بحيثيت پروفيسر، سنڌي شعبي ۾ دخليڪار ٿيو.

(٤) سنڌي شعبي جو اسسٽنٽ پروفيسر، جناب محمد قاسم ٻگهيو، سي - او - ٽي جي اسڪالرشپ تي ١٠- آڪٽوبر ١٩٨٩ع تي لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ تعليم لاءِ روانو ٿي ويو.

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

هيءُ ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو

فون : 27039